

تاريخ جا پيرا
شاعري
ارڎو اترادي
ايلسا
Ophinia

# تاريخ جا پيرا

(شاعري)

## ارڏو اترادي

**ايلسا پبليڪيشن، حيدرآباد**
**2017ع**

**ڊجيٽل ايڊيشن :**

2017ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

**شهيد جيئرا آهن، تاريخ جا پيرا آهن،**
**سنڌڙيءَ ۾ اُنهن جا ديرا آهن.**

**كتاب جا حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ**

كتاب جو نالو: تاريخ جا پيرا
موضوع: شاعري
شاعر: ارڏو اترادي
ڇاپو: پهريون 2017ع
ڳاڙيتو: 1000
ڪمپوزنگ: نظير چانديو
ٽائيٽل: عرفان ميمڻ
ڇپائيندڙ: ايلسا پبليڪيشن، حيدرآباد
قيمت: 130/

# انتساب

**سنڌ جي سپوت**

**وهاب پيپي جي نالي،**

**جنهن مون کي**

**قومي تحريڪ کان واقف ڪرايو.**

**ـ ارڏو اترادي**

ادا انقلابي اُٿي اي وهاب،
آزادي جو هاڻي سُٽائج خواب.

# سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”تاريخ جا پيرا“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب سنڌ جي مزاحمتي شاعر ۽ ليکڪ **ارڏي اترادي** جو لکيل آهي. ارڏي هن ڪتاب ۾ سائين جي.ايم سيد کان وٺي سيني قومي ۽ ادبي ڪردارن کي شاعريءَ ۾ پيٽا ڏني آهي ۽ تعارف پيش ڪيو اٿس.

ارڏي پنهنجي هن ڪتاب ’تاريخ جا پيرا‘ ۾ جيڪا به شاعري ڪردارن تي ڪئي آهي، اُها سندن نالن سان ڪئي آهي، ۽ اهو سنڌي شاعريءَ ۾ تمام گهٽ ٿيو آهي. اسان جا ڪافي شاعر ڪردارن تي مبهم ۽ زو معنيٰ ۾ شاعري ڪندا آهن ۽ پوءِ اُها شاعري ڪنهن لاءِ به پڙهي سگهجي ٿي.

هي ڪتاب ايلسا پبليڪيشن، حيدرآباد پاران 2017ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري نواز آريسر ۽ محترم ارڏي اتراديءَ جا جن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي موڪلي سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست

1 پبلشر پاران: واحد ڪانڌڙو
2 پنهنجي پاران: ارڏو اترادي
3 ٻہ اکر: منصور مزاري
4 قومي ۽ مزاحمتي شاعر ارڏو: غلام رسول مگهريو
5 مهاڳ: لطيف جمال
6 دُعا
7 سنڌ جو سِج
8 سنڌ جو سائين
9 سُر سنڌ ۽ سيد
10 رُباعيون
11 سائين آريسر
12 ها آريسر ياد ايندين
13 اندرا جو بابو
14 شهيد الهہ بخش سومرو
15 سائين جي.ايم سيد ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي
16 شهيد قيوم منگي
17 شهيد جواج آ ڏهاڙو
18 جنم ڏينهن شيخ اياز
19 عبدالڪريم گدائي
20 انقلابي انسان وهاب پيو

21 وري آيو ڏاهر

22 احسان ميمڻ پيارو

23 مقصود گل جي خوشبوءِ

24 ٽربيونل

25 اڄان ڌرتيءَ کي سجدو آ

26 نوجوان نياڻيءَ جو

27 ڪي مُرليون وڄايون

28 شاهہ رسالي وارا

29 پوءِ ڪِلنداسين

30 درياهہ بند

31 ارڏا اُتي لِکو

32 ٻُڌو هي ڪهاڻي

33 تاريخ جا پيرا آهن

34 ڳُهر حق هتي انسانن لاءِ


❒

# پبلشر پاران

فطرت جي حُسناڪين جي رنگن ۾ سمايل شاعري لفظن جو اُهو رُوپ آهي، جيڪو هر ٻُڌندڙ جي دل کي پاڻ ڏانهن ڇڪي، ماڻهن جي ذهنن ۾ ڪيترائي معنيٰ خيز خيال آڻي، سوچڻ تي مجبور ڪري ٿو. تشبيهن جي ڀرمار کان تنگ ۽ نهايت آسان ماترائن جي ويس ۾ شعر لکندڙ ارڏو اترادي هميشہ اهو چوندو رهيو آهي تہ: ”منهنجو محبوب اٽيڙهيل آهي. ان ڪري آءٌ پنهنجي پرينءَ آڏوسادن لفظن ۾ اظهار ڪريان ٿو تہ جيئن هُو سمجهي سگهي.“ هُن جي شاعريءَ ۾ سماج، انقلاب ۽ مزاحمت جا ڪيئي رُوپ آهن. جن مان قومي ۽ ادبي ڪردارن کي پيٽا طور لکيل شعرن کي ترتيب ڏيئي، اسان پڙهندڙن آڏو پيش ڪيو آهي، سيئي شاعر شخصيتن، دوستن لاءِ نثر ۾ تہ لکي ويندا آهن. پر منظوم پيٽا ڏيڻ هڪ ڏار فن آهي.

اسان جي سنڌ جو سادڙي شاعر شاهنواز مسافر وٽ هڪ ڏار فن آهي، هُو جنهن بہ شخصيت تي قطعو لکندو آهي تہ اُن ۾ اُن شخصيت جي جمڻ کان مرڻ تائين زندگيءَ جو سڄو خاڪو پيش ڪندو آهي. اهڙيءَ ريت اسان جي هن قومي شاعر ارڏر اتراديءَ جو هي ڪتاب ”تاريخ جا پيرا“ بہ شخصيتن جي عقيدت ۾ لکيل شاعريءَ جو هي منفرد ڪتاب آهي، جيڪو سنڌ جي قومي ادب ۾ چڱو واڌارو ثابت ٿيندو.

ارڏي اترادي، سائين جي.ايم سيد کان وٺي سيني قومي ۽ ادبي ڪردارن کي پيٽا ڏني آهي. هي ڪتاب قومي تحريڪ توڙي عام ماڻهن جي ڄاڻ ۾ ڀرپور اضافو ڪندو. آءٌ ايلسا پبليڪيشن پاران هيءُ ڪتاب ڇپائيندي تمام گهڻي خوشي پيو محسوس ڪريان. اُميد تہ هيءُ ڪتاب پڙهندڙن کي بہ پسند ايندو ۽ سندن لائبريريءَ جي سُونهن بڻبو.

**واحد ڪانڊڙو_ قاسم آباد**

# پنهنجي پاران

هڪ ڏينهن پياري پرين واحد ڪانڌڙي فون ڪري خيريت پُڇندي چيو تہ، اوهان وٽ جيڪا شاعري آهي، اُن مان مهان شخصيتن تي، اوهان وقت بوقت عقيدت جا گُل نِڇاور ڪندا رهيا آهيو. اُها شاعري فوٽو اسٽيٽ ڪري اُماڻيو تہ، آءٌ اُن کي ڪتابي صورت ۾ ڇپائي پڌرو ڪريان.

اوهان جي شاعري اُنهن مهان عظيم انسانن، شهيدن، قومي سرواڻن، انقلابي ڪارڪنن ۽ انقلابي اديبن لاءِ ڀيٽا ۽ اعزاز آهي، جيڪي اوهان جي اندر جي اُتساهہ مان ٻاهر اچي، قلم وسيلي ڪتابن، اخبارن جي زيب زينت بڻي ڏيهہ پرڏيهہ پيغام ٿي پهتي آهي.

هر شعر نہ صرف منهنجي اندر جو آواز آهي، پر هنن اکرن سان پرپور پيار ڪندڙ سنڌ جي هر باشعور انسانن جي دل جي ترجماني آهي.

جيڪي ماڻهو انسان ذات جي ڀلائي، امن ۽ آزاديءَ لاءِ پاڻ پتوڙيندا رهيا، جيل، ڦٽڪا، ٽارچر، سختيون سهندي راهہ اجل وٽي موڪلائي روانا ٿيا، ڪي ٽاڻن، گهاٽن کان پيڙجي ٻاهر آيا ۽ شهيد ٿيا. اهو موت ڪنهن اقتدار جي ڪُرسيءَ لاءِ نہ ٿيو اُنهن انسان ذات جي خدمت يعني حقوق العباد سمجهي حقيقي خالق کي خوش ڪرڻ جو ڏس ۽ گس هو. ڪي مرڻ کان اڳ روز مرندا ۽ جيئرا ٿيندا رهيا، جيڪي شهيد ٿيا، سي سڀ جيئرا آهن. هو هتان هلي اتي ويس مٽائي وينا آهن، اِها بہ حقيقت آهي تہ رُوح زندهہ آهن، تہ پوءِ هُو ڏسن ٿا تہ،

ڪير اسان کي ياد ڪن ٿا؟ ڪير گُل ڪٽي تُربت تي اچن ٿا؟ پر سڀ کان وڏيڪ اُهي تڏهن خوش ٿين ٿا تہ جنهن مقصد لاءِ اسان سِر ڏنو، ڪير اُن کي سجايو ڪن ٿا. ڪهڙا اديب/ شاعر اسان واري ڳالهہ اسان جو نالو وٺي، مارو ماڻهن سان اهو اندر جو احوال اورين ٿا.

اِها بہ حقيقت آهي تہ وقت گذرڻ کان پوءِ نالا ياد رهندا آهن. اڄ بہ ڪيترن کي دُولهہ دريا خان جي زمان مڪان، حسب نسب جي خبر ناهي. هڪڙي ڇوڪري پنهنجو نالو هوشو ٻڌايو. پُڇيوسين تہ هُو ڪير هو، ڪڏهن۔ ڪٿي ۽ ڪهڙي مقصد لاءِ شهيد ٿيو. هن چيو تہ بابا چيو هو تہ: ”هُن نعرو هنيو هو تہ مرويسون۔ مرويسون، پر سنڌ نہ ڏيسون“ ٻي خبر ناهي. مخدوم بلاول کي تہ گهاڻي ۾ پيڙيو ويو هو۔ پر هُو ڪير هو۔ ڇا ڪندو هو، هُن کي ڪيئن ۽ ڪنهن پيڙيو هو، اها ڪڏهن جي ڳالهہ آهي؟ اها پيرائتي خبر ڪِن ٿورن باشعور ماڻهن کي هوندي.

جنهن سنڌ ۽ پنجاب جي بارڊر وٽ، بشير خان قريشي، قادر مگسي ۽ ڪِن سياستدانن ڪالا باغ ڊيم جي خلاف ڌرڻو هنيو، اُن مشهور جاءِ جو نالو ڪمون شهيد آهي. ڪمون ڪير هو، ڪڏهن شهيد ٿيو، ڪا تحقيق ڪانهي. ائين ئي سال صدين کان پوءِ هنن انقلابي انسانن، ماءُ پيءُ جي لاڏلن، ليڊرن، رهبرن، قومي ڪارڪنن، سپهہ سالارن، شهيدن کي وساريو ويندو آهي، ڇاڪاڻ جو چوندا آهن تہ اڪثر غلام قوم جو هاضمو دُرست ۽ حافظو ڇٽ ختم هوندو آهي۔ داتا شاهہ ولايت جو ڪلام آهي تہ:

مشتاق سيئي ميڙي، هڪ هنڌ ڪيا هڙيئي،
سانگي اوهان جي سهڻا، موجون وٺن مڙيئي.

آءٌ سائين واحد ڪانڌڙي ڪي هنن سڀني سنڌ جي سائين جي. ايم. سيد ڪان وٺي، سنڌ امڙ تي قربان ٿيندڙ شهيد ٿيندڙ هن راهه ۾ هلندي قربان ٿيندڙ سڄڻن جي تعارف، احوال ۽ واقعن کي سهيڙڻ جو بار کڻڻ تي ڪيس دل جي گهراين سان مبارڪ ڏيان ٿو. هن اهڙا سنڌ جي سڄڻن جا ڪافي ڪتاب اڳ به سهيڙيا آهن.

هيءَ شاعري، سنڌ ڌرتيءَ جي هن دور جي حقيقي تاريخ ۾ شمار ڪئي ويندي. اُها حقيقي تاريخ لکي ويندي، ڇاڪاڻ ته هنن شهيدن، هنن جو ڏن، جوانن جي تاريخ نه عرب ٿو لکي نه انگريز. جنهن تي قياس آرائي ڪجي يا ڏند ڪٿا لکجي. هنن عظيم انسانن کي خود ڌرتي ڏٽي ئي سنواري سهيڙي ماروئڙن ڏانهن موڪلي ٿو.

آءٌ هڪ ڀيرو وري به سائين واحد ڪانڌڙي ۽ ايلسا پبليڪيشن جي سٿ جو شڪر گذار آهيان.

**ارڏو اترادي**

ڪنڌڪوٽ ـ سنڌ

❒

# ٻہ اکر

سائين عبدالقادر جوڻيجي چواڻي تہ ”پاڻ کان وڏي ماڻهو تي لکڻ، معنيٰ جبل ٽُڪڻ جي برابر آهي.“

ارڏي اتراديءَ سان منهنجي ويجهڙائي، منهنجي وڏي ڀاءُ ڊاڪٽر خالد جي ڪري ٿي، ڇو ته سائين اڪثر اسان جي ڳوٺ ايندا رهن ٿا ۽ اُن موقعي تي، سائين جي ڪچهريءَ ۾ سندس شاعري ٻُڌڻ جو موقعو ملندو رهي ٿو. ارڏي اترادي جي گهڻي ڀاڱي شاعري مون سندس زباني ٻُڌي آهي، ۽ منهنجي ناقص علم آهر، استاد بخاريءَ کان پوءِ سادن ۽ عوامي لفظن ۾ اگر ڪا سنڌي شاعري ٿي آهي تہ اُها ارڏي اترادي ڪئي آهي، ٿي سگهي ٿو تہ اوهان اُن ڳالهہ سان اتفاق نہ بہ ڪٽي رکو، ڇو تہ آءٌ ڪو ايڏو پڙهيل لکيل ناهيان ۽ نہ ئي آءٌ ڪو پيٽ ڪرڻ جو قائل آهيان، پر استاد بخاري جي شاعري مون پڙهي ۽ ٻُڌي آهي ۽ مون کي اُن کان پوءِ گهڻي ڀاڱي عام لفظن ۾ صرف ارڏي اترادي جي شاعري نظر آئي آهي. مثال طور هڪڙو شعر اٿس تہ:

اڇو اي دوستو اڇو
اڇي مِلو اڇي مِلو
اڇان پيو سڏيان،
اڇان پيو سڏيان.
اڇو اي دوستو اڇو.
مهان مرد ساٿ ڏيو.

وقت کي سُجاڻيو،
زبان پنهنجي پاڙيو.
بُخار ۾ مرڻ ٿئي،
يا ريل تان ڪِرڻ ٿئي،
ائين متان مري وڃو،
مرو تہ مڙس ٿي مرو.

ڪيڏا نہ سادا لفظ استعمال ڪيا اٿس ان شعر ۾، يا وري سندس هڪ ٻيو شعر ياد پيو اچي تہ:

انقلابي درس ڏيندڙ سو اسان جو سائين آ،
قوم لاءِ قربان ٿيندڙ سو اسان جو سائين آ،
ٿئي روس جو يا چين جو، هنڌ جو يا سنڌ جو،
فڪرِ سيد کي مڃيندڙ سو اسان جو سائين آ.

چوڻ جو مطلب تہ ارڏي اترادي تمام سولي ٻوليءَ ۾ شاعري ڪئي آهي، جنهن کي ڪو بہ پڙهيل لکيل يا اڻ پڙهيل آسانيءَ سان سمجهي سگهي ٿو، ارڏو پاڻ بہ چوندو آهي تہ، مُنهنجو محبوب اڻ پڙهيل آهي، اُن ڪري آءٌ اهڙا لفظ استعمال ڪندو آهيان، جيئن هُو آسانيءَ سان سمجهي سگهي، ۽ بقول سائين عبدالواحد آريسر جي تہ: ”ارڏي جي شاعريءَ ۾ اڻ ميو بارُود ڀريل آهي، جيڪو ٻين جي شاعري ۾ بنهہ گهٽ آهي.“ ارڏي اترادي ڪڏهن بہ پنهنجي ڳالهہ هيٺي انداز ۾ نہ رکي آهي، هن هميشہ پنهنجو موقف چِٽو ۽ ارڏائي انداز ۾ رکيو آهي. هڪڙو شعر اٿس تہ:

اسان قيد ڪڙين کي زيور ٿا ڄاڻون،
ڏيکاريو جي ٽاڻو تہ پرواهہ ناهي،

اسان پنهنجي ڌرتيءَ جا وارث بلالي،
گُهرايو جي گهاٽو تہ پرواهہ ناهي،
اسان ٿر ۾ بر ۾ رهڻ وارا ’ارڏا‘
نہ ٿيو گهر نڪاٽو تہ پرواهہ ناهي.

ارڏي سائين پنهنجي هن ڪتاب ’تاريخ جا پيرا‘ ۾ جيڪا بہ شاعري ڪردارن تي ڪئي آهي، اُها سندن نالن سان ڪئي آهي، ۽ اهو سنڌي شاعريءَ ۾ تمام گهٽ ٿيو آهي. اسان جا ڪافي شاعر ڪردارن تي مبهم ۽ ذو معنيٰ ۾ شاعري ڪندا آهن ۽ پوءِ اُها شاعري ڪنهن لاءِ بہ پڙهي سگهجي ٿي، پر جيڪڏهن نالي سان هُوندي تہ اُها صرف اُن شخص لاءِ ئي پڙهي ۽ سمجهي ويندي. بقول ارڏي اترادي جي تہ: ”شاعر وٽ ڪا لفظن جي ڪمي تہ ناهي هُوندي، هُو جنهن جي لاءِ شاعري ڪري، اُها صرف اُن لاءِ ئي هُئڻ گهرجي ۽ اهو ئي بهتر خراجِ تحسين هوندو آهي ان ماڻهوءَ لاءِ.“

بهرحال ارڏو اترادي تمام سُٺو ۽ پڙهڻ لائق شاعر آهي، پر افسوس سان چوڻو ٿو پئي تہ اُهي ماڻهو جيڪي جيڪي سائين جي. ايم سيد جي موجودگيءَ ۾ پنهنجي شاعري استيج تي پڙهندا هُئا ۽ سيد جهڙا ماڻهو بہ وڏي غور ۽ فڪر سان اُنهن کي ٻُڌندا هُئا، پر اڄ اسان جي قومي تحريڪ جي استيجن تي اُنهن کي نڪو گهرايو وڃي ۽ اُهو مان نڪو ڏنو وڃي، جيڪو ڏيڻ گهرجي يا جيڪو سيد ڏيندو هو، اُن ۾ ڪجهہ ڪردار اسان جي انهن اديبن جو بہ آهي، جيڪي ساڙ ۽ حسد ۾ ورتل آهن، جن هميشہ اهڙن اديبن ۽ شاعرن کي نظرانداز ڪري پوئتي ڌڪڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، حالانڪہ ارڏي سائين جي شاعريءَ جا ٽي ڪتاب ’جنگ جو اعلان‘، ’ياد توکي ڪريان‘ ۽ ’ڇا تون مون کي

ماري سگھندين!‘ ۽ ٻہ ڪتاب نثر ۾ ’ڪشمور ضلعي جي تاريخ‘ ۽ ’تاريخ ۽ اسان‘ ڇپجي چُڪا آھن. اُن جي باوجود بہ نظراندازي جو ڪارڻ الائي ڇا آھي؟ شايد ھاڻي ارڏي اترادي جھڙن شاعرن جي شاعري، اُنھن ڪان ھضم نٿي ٿئي يا اجا بہ ڪا ٻي وجھہ آھي. بھرحال اھو تاريخ جو حساب ڪتاب آھي، جيڪا پاڻ وٺندي، پر جيڪڏھن ڪنھن کي اھو ڄاڻڻو ھُجي تہ ارڏو اترادي ڪير آھي تہ سندس نثر ۽ شاعري جا ڪتاب پڙھي ڏسي تہ خبر پئجي ويندي.

**منصور مزاري**

مريد شاخ۔ ڪشمور

❐

# قومي ۽ مزاحمتي شاعر ارڏو اترادي

غلام رسول مگڙيو

قومي ۽ مزاحمتي شاعر ارڏي اتراديءَ جو اصل نالو ارصلاح ولد ڪوهدل باجڪاڻي آهي. هن 17 مئي 1949ع تي ڳوٺ گلواڻي، تعلقي ڪنڌڪوٽ ۾ جنم ورتو. 1969ع ۾ هاءِ اسڪول ڪنڌڪوٽ مان مئٽرڪ، 1980ع ۾ بي.ايڊ ۽ 1985ع ۾ ايم.اي (سنڌي ادب) جي ڊگري سنڌ يونيورسٽي، ڄامشوري مان حاصل ڪيائين. ان وچ ۾ پرائمري استاد ٿيو جتان 2009ع ۾ رٽائر ڪيائين.

ڪيس ننڍپڻ کان لکڻ جو چاهه هو ۽ 1968ع ۾ ’عاجز‘ تخلص اختيار ڪري شاعريءَ جي شروعات ڪيائين. جيئن ته سندس شاعري مزاحمت واري آهي، جنهن ڪري دوستن جي اصرار تي ’ارڏو اترادي‘ تخلص اختيار ڪيائين، جيڪو سندس سُڃاڻپ بڻيو.

ارڏي اترادي شاعريءَ سان گڏ نثر ۾ به لکيو آهي ته تحقيق واري پاسي به سندس لاڙو رهيو. سندس لکڻيون مختلف اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿينديون رهيون آهن. سائين جي. ايم. سيد سان عقيدت رکڻ ڪري ڪجهه عرصو ’جيئي سنڌ محاذ‘ سان به وابسته رهيو ۽ سماجي سرگرمين ۾ به حصو وٺندو رهي ٿو اُن کانسواءِ سڳا شاخ ڪنڌڪوٽ سان به لاڳاپيل آهي. سندس ڇپيل ڪتابن ۾ ’جنگ جو اعلان‘ (شاعري)، ’ياد توکي ڪريان‘ (شاعري)، ’تون ڇا مون کي ماري سگهندين‘ (شاعري)، ’تاريخ ۽ اسان‘ (نثر)، ’ڪشمور ضلعي جي تاريخ‘ (تاريخ) ڇپجي ميجتا ماڻي چُڪا آهن، اُن بعد شخصيتن تي

**ڪيل سندس شاعريءَ جو هيءُ ڪتاب ’تاريخ جا پيرا‘ پڻ اهم ڪتاب آهي.**

**ارڏو اترادي بنيادي طور مزاحمتي شاعر آهي، پر اُنهي مزاحمتي شاعريءَ ۾ هن جيڪو رومانس استعمال ڪيو آهي، سو ٻين شاعرن وٽ گهٽ نظر ايندو. وٽس تشبيهہ جي چُونڊ بہ منفرد ۽ نرالي آهي، جنهن ڪري سندس شاعري پڙهندڙ کي اُتساهي ٿي. سندس ٻين ڪتابن وانگر هيءُ ڪتاب بہ پڙهندڙن ۾ مقبوليت ماڻيندو.**

**مهاڳ**

## ڪِلي زنجير پائجوِ اي نوجوان نِپائجو...

80ع جي ڏهاڪي ۾ ٻارڙن جون سياسي تنظيمون سنڌ جي ٻارڙن لاءِ اهڙو سياسي رُومانس هُيون، جنهن رُومانس، سنڌ جي هڪ پُوري نسل جي ذهن کي نظرياتي سياست سان سلهاڙي ڇڏيو. اڄ ٻه جيڪا ٿوري گهڻي قومي تحريڪ جي مُتحرڪ قيادت نظر اچي رهي آهي، ۽ سياسي ميدان تي پاڻ ملهائي رهي آهي، سا اُنهن ٻارڙن جي تنظيمن جو ئي سياسي ثمر آهي. ذاتي طور تي مان اهڙي دَور کي سنڌ جي قومي تحريڪ جو سُنهري دَور سمجهان ٿو. جنهن دَور ۾ هاءِ اسڪول جا ٻارڙا ڳچين ۾ اجرڪ جا ڳانا پائي، جڏهن اسٽيج تي ايندا هُئا ته سنڌ جي تقدير جا پاسا بدلجندي محسوس ٿيندا هُئا. تڏهن اِئين محسوس ٿيندو هو ته هي پورهيتن ۽ هارين جا ٻارڙا نئين سنڌ کي پنهنجي نيٽن سان پَسندا ۽ سنڌي قوم جو ريڊ انڊين وانگر ملياميٽ (Decimated) ٿي وڃڻ وارو مُحاورو حقيقت نه لڳندو هو. جيتوڻيڪ اياز 60ع جي ڏهاڪي کي ادب ۾ صليبي جنگين جو زمانو لِکيو آهي، جيڪا حقيقت آهي، پر اُن ادب جو گهڻو اُپار ۽ اَوسر اسان 80ع جي ڏهاڪي ۾ ڏٺي. اسان ڏٺو ته بيت، لات ۽ منات جي بُتن کي ڪيئن ڏاهيندا آهن؟ وايون ڪنهن آمر سان ڪيئن وِڙهنديون آهن؟ نظمون نيزا ڪيئن بڻجي پونديون آهن؟ گيتن جي گونجار توبن جي آواز کي مات ڪيئن ڏيندي آهي؟ اسان ڏٺو ته سنڌ ۾ آهستي آهستي، مذاحمتي ادب، سنڌ جي قومي تحريڪ جي آواز کي سڄي سنڌ ۾ طوفان بڻائي ڇڏيو. مذاحمتي ادب جي اُن لهر سنڌ جي سياسي آدرشن

جا ڳاچ هميشہ اُوچا رکيا، اُهو ئي سبب آهي، جو برفيلي چادر تي صبح جي وٽندڙ اُس ۾ سُتل ادب ۾ اهڙي تلخي ۽ شوخي آئي، جو سمورو ادب سرمد جي چپن تي آيل نفيءَ جو نغمو بڻجي پيو ۽ شاعري محبوب جي مُرڪ ۽ وهندڙ ندين جي ڇهڪن وارين تشبيهن مان نڪري، تلوار جي نوڪ تي نچڻ لڳي.

اُها جنوري 1986ع جي ٿڌڙي شام هُئي، جو ڪو دوست ارڏي اُتراديءَ جي شاعري ٻُڌائي رهيو هو.

تون ڇا مون کي ماري سگهندين،
فاتح ٿي ڏيکاري سگهندين،
سي سڀ آهن ويچارن ۾،
ڏاڍ نہ رهيو هٿيارن ۾،
جڏهن هي هٿيار نہ هُوندئي،
ويڙهہ ڪرڻ لاءِ تيار نہ هُوندئي،
قومن کي آزادي ملندي.
ظالم کي بربادي ملندي.
’سن‘ جو نالو سِج اٿئي،
هِتڙي ڳالهيون نِج اٿئي.

اُن شاعريءَ سبب ئي ارڏي سان مُنهنجي پهرين شُناسائي ٿي هُئي، پوءِ هُن جي شاعري’لطيف جي ڏهاڙن‘ ۾ پڙهجندي رهي. ارڏي جي اُها شاعري ئي اسان جي اڄ تائين، اُن سان واقفيت جو سبب بڻي آهي. مون کي ياد نٿو اچي تہ مان ڪڏهن ارڏي اُتراديءَ سان مِليو هُجان! ليڪن ڪنهن سان شُناسائيءَ جو معيار مُلاقات ناهي هوندو، پر اُن جي تخليق ۽ ڪم ئي اُن جي اصل سُڃاڻپ هوندي آهي. ارڏي

سان بہ مُنهنجي ائين ئي سُڃاڻپ آهي، جيئن نذار قاباني، نذرالسلام ۽ محمود درويش سان.....! مون لاءِ اُن کان وڏيڪ ٻيو ڪهڙو اعزاز ٿي سگهي ٿو تہ، جنهن شاعر جي شاعري سنڌ جو قومي ڪارونجهر عبدالواحد آريسر اسٽيج تي پنهنجي تقريرن ۾ حوالي طور استعمال ڪندو هُجي، اڄ اُن جي شاعريءَ جي ڪتاب تي مُهاڳ لاءِ پياري ’واحد ڪانڌڙي‘ منهنجو نالو مُنتخب ڪيو آهي. برطانيا جي رُومانوي شاعر وليم وردس ورٿ لکيو هو تہ: ”شاعري احساسن جي اوچتي آيل ٻوڏ آهي، جيڪا اندر جون دريون ڀڃي اُٿلي پوي ٿي.“ احساسن جي اهڙي ٻوڏ جڏهن ارڏي جي اندر مان اُٿلون کائڻ لڳي ٿي، تڏهن هُو اُهي سٿون سِرجي ٿو...

بيشڪ ’بلاول‘ ۽ ’حيدر‘ جو حامي،
هر هر سڏي ٿو، اچو نينهن لايون،
آهي جنگ جاري، امن لاءِ ارڏا،
هلي هن قدم سان قدم کي مِلايون...

دُنيا سرد جنگ جي خاتمي کان پوءِ بہ طاقت جي تڪبر ۾ رهي، ۽ ٽين دُنيا جي مُلڪن جا جرنيل آمريڪي آشيرواد سان عوام جي سياسي ۽ جمهوري فيصلن ۾ مُداخلتون ڪندا رهيا ۽ اُهو سلسلو اڄ تائين جاري آهي. اهڙين سنگين سياسي حالتن ۾ ٽين دُنيا جي مُلڪن ۾ نہ رُڳو سياسي مذاحمت ٿيندي رهي آهي، پر ادب جي هر صنف پنهنجي مٿي سان احتجاج جون ڪاريون پٽيون ٻڌندي رهي آهي. حبيب جالب کان وٺي، گُل خان نصير تائين، شيخ اياز کان وٺي حليم باغي، جُمن دربدر ۽ ارڏي اُتراديءَ تائين، سڀني پنهنجي نظمن جا نيزا تيار ڪري ادب جي اِتهاس ۾ ويڙهہ جا بُنياد رکيا آهن. جيتوڻيڪ

غلام مُلڪن جي دُنيا کي چوٿين دُنيا طور مُتعارف ڪرايو ويو. ڇاڪاڻ تہ اُهو عوام، جيڪو سرد جنگ جي خاتمي کان پوءِ بہ پنهنجي قومي آزادي حاصل ڪري نہ سگهيو. جن جي بُنيادي قومي آزاديءَ کي ٽين دُنيا جي غلاميءَ هيٺ ڏنو ويو. اُنهن انسانن جي دُنيا کي چوٿين دُنيا سمجهيو ويو ۽ اُن چوٿين دُنيا جي ماڻهن جي آزادي لاءِ ارڏو اُترادي پنهنجي نظمن جا پرچم ڦڙڪائيندو رهي ٿو.

ڪڏهن مير مجلس، ڪڏهن قيد ڪاٽي،
ڪڏهن گيت باغي ۽ ٻيجل جون وايون
ڳُجهارت ۾ ڳالهيون ڪيان ڪيستائين،
اچو چوٿين دُنيا جو مُفڪر ملايون.

ارڏي جو مٿيون نظم سنڌ جي قومپرست دانشور عبدالواحد آريسر تي لکيل آهي. ارڏي جو هي ڪتاب **’تاريخ جا پيرا‘** سنڌ جي اهم سياسي ۽ ادبي شخصيتن ۽ وطن جي آزاديءَ ۾ شهيد ٿيندڙن کي ڏنل اهڙي پيتا آهي، جيڪا موجوده سنڌ ۾ ڪيڏاري طور ياد رکي ويندي. سنڌ ۾ شاعري تہ تمام گهڻي لکجي ۽ ڇپجي رهي آهي، پر شاعريءَ ۾ مذاحمت واري انفراديت جو عنصر گهٽ شاعرن ۾ مِلي ٿو. اياز جڏهن اهي سِٽون لکيون هُيون تہ:

ڪو ڪيئن نہ ٻوڙي مقتل ڏي، آ رت ۾ خوشبوءِ مينديءَ جي،
ڪو ڪيئن نہ موٽي زندان ڏي، ٿا زُلف ڇِڪن زنجيرن جا.

تڏهن اياز شاعريءَ وسيلي قومي غلاميءَ خلاف ويڙهہ جا نوان لاڙا ۽ رُجحان وِڌا هُئا، پر ڪي اهڙا ماڻهو بہ هُئا، جيڪي اياز جي اهڙي عالمي معيار جي شاعريءَ مٿان نعريبازيءَ جو تُهمتون مڙهي رهيا هُئا. اُها شاعري ئي کهڙي ڪم جي، جنهن شاعريءَ ۾ قومن جا سُڏڪا ۽

اذيتن جون آنڊيون نظر نہ اينديون هُجن. جنهن ۾ بُکايل ٻارڙن جو درد سمايل نہ هُجي. جنهن ۾ سڙيل کيتن ۽ لُوساٽيل لِڱن جو تذڪرو نہ هُجي. ارڏي جي هن نظم مان بلوچ شاعر گُل خان نصير جي باغي گيتن جي جهلڪ محسوس ٿئي ٿي.

ڪِن ڪِن ٻچڙن توکي ڳايو،
ڪِن ڪِن ٻچڙن ڪنڌ ڪپايو،
ڪي ڪي تو لاءِ قيدي بڻيا،
هر ڪنهن هر هنڌ پاڻ ملهايو،
تن جي ڳٽبي پائي پائي،
تن کي پيتا ڏيڻ پلائي.

جيتوڻيڪ سنڌ جي سياست نظرياتي دَور مان نڪري انفرادي مُفادن جي دَور ۾ داخل ٿي آهي، پر اُن جو اِهو قطعي مطلب ناهي تہ قومي غلامي ۽ وطن جي آزاديءَ جا خُواب اڌورا رهجي ويندا. ڇاڪاڻ تہ وطن جي آزادي ڪنهن مخصوص نظريي يا فلسفي جي مُحتاج ناهي ٿيندي. قومي غلامي حقيقت آهي، جنهن لاءِ لڳاتار جدوجهد ڪرڻ ۽ پاڻ پتوڙڻ اهم آهي. جيڪي ماڻهو عارضي ۽ وقتي حاصلاتن ۽ آسائشن خاطر وطن جي آزاديءَ تان هٿ کڻي ويندا آهن، سي ڪڏهن بہ قومي غلاميءَ جي گند کان پاڻ کي آجو ڪري ناهن سگهندا. ارڏو اُترادي سنڌ جو اهڙو مذاحمتي شاعر آهي، جيڪو ديس جي دُشمنن لاءِ للڪار آهي. اهڙي للڪار، جهڙي بلوچي شاعر گُل خان نصير ۾ هُئي، جيڪو ايوب جي آمريت کي اسٽيج تان للڪاريندي چوندو هو تہ: ”ايوب خان! گدڙ ڀٽر ڇٻاڙي ناهن سگهندا.“ ۽ ارڏو پنهنجي شاعريءَ ۾ دُشمن کي هن طرح للڪاري ٿو:

ون يونٽ ۾ ٻوليءَ واريون، توکي گوليون ياد ڏياريان،
خون سنديون هي ٽوڙهي ڦاٽڪ واريون ڇوليون توکي ياد ڏياريان،
لاڪاڻ تي بمباري ٿي، سنڌوءَ سارو رت وهايو
پاپي ٿيا پنجابي هردم، سنڌين پنهنجو پاڻ ملهايو
ٽربيونل جا جج ٻُڌي ڇڏ، آئون اصل ڏوهاري ناهيان،
ڪين بيانن کي ڦيرايان، ڪين بيانن کي ڦيرايان.

اهڙي مذاحمت ۾ شوخي فقط ارڏي اُتراديءَ جي شاعريءَ ۾ ئي مِلي ٿي. اهڙي شوخي ۾ ارڏائپ جو سبب سنڌ سان بيحد مُحبت ۾ آزاديءَ تي مُڪمل يقين هُجڻ جو نتيجو آهي. جيڪڏهن آڪيرا ڪچين ٽارين تي نهندا تہ جٽاءُ ڪري نہ سگهندا. اسان کي يقين آهي تہ جيڪي مُلڪ پنهنجي بُنيادن ۾ ئي ڪمزور نظرين تي نهندا آهن، سي ڪڏهن بہ جٽاءُ ڪري ناهن سگهندا. مذهب جي نالي تي ڪنهن رياست جو قيام ڪنهن بہ طرح گهڻي عرصي تائين جٽاءُ ڪري نہ سگهندو. سولزي نٽسن چيو هو تہ: ”طبقاتي استحصال رُڳو اهو ناهي، جيڪو سرمائيدار ڪنهن مزدور جو ڪندو آهي، پر استحصال ڪنهن بہ بدليل شڪل ۾ صورت ۾ قابل قبول نہ هُجڻ گُهرجي.“ جڏهن سنڌ جا سمورا وسيلا وفاق وٽ موجود هُجن ۾ وفاق اُنهن جي ورهاست آباديءَ جي بُنياد تي ڪندو هُجي، اهڙي حالت ۾ وطن جي وارثي ۾ مالڪي خود وڏو سوال بڻيل آهي. جيڪڏهن پنهنجي وطن مٿان پنهنجي وارثي ۾ مالڪي نہ هوندي تہ وسيلن جي ڦُرلُٽ جو سلسلو هميشہ برقرار رهندو. اُهو ئي سبب آهي، جو ارڏي جي سموري شاعري، وطن جي آزادي ۾ خوشحاليءَ جي عظيم جذبي سان سرشار نظر اچي ٿي. ارڏو پنهنجي نوجوانن کي سڏيندي چوي ٿو وسيلن مٿان ڦُرلٽ جو هلندڙ سلسلو رهيو تہ اوهان وٽ ڪُجهہ بہ نہ رهندو، اُن لاءِ لڳاتار جدوجهد جاري رکو.

اِجهو ٿيو داڻو پاڻي بند،
اوهان جو راڻو راڻي بند،
ڪرڙي، ٽرڙي، مياڻي بند،
ڪندا هُو ڄاڻي واڻي بند،
ڪِلي زنجير پائجو،
اي !نوجوان نِپائجو....

هي مُلڪ، جيڪو عوام کي مذهبي آفيم آڇي هلايو پيو وڃي، جڏهن قومن اهڙي آفيم کي ٺُڪرائي ڇڏيو، تڏهن ارڏي اُترادي جي شاعري سنڌ جي سُگهڙن جي سُونهن بڻجي ويندي. مون کي يقين آهي ته شاعريءَ جي رستي مُئل رُوح به زنده ٿي سگهن ٿا ۽ ارڏي جي شاعري سنڌ جي ساڻي وجود ۾ اهڙي سگهه پئدا ڪندي، جو اُها سنڌ جي سياسي سنگهرن مان آجپي جو سبب بڻبي. ارڏي اُتراديءَ جي شاعري پڙهندي مون کي پشتو ٽپو ياد آيو، جنهن جون سِٽون آهن ته:

مان توتي خوش آهيان، اي آزاديءَ جا موت!
غلاميءَ جي زندگي وڏي هُجي، تڏهن به اُن تي لعنت آهي.

مون کي يقين آهي ته هڪ ڏينهن ارڏي اُتراديءَ جا خيال، ساپيائن جا گُلابي ويس ڍڪيندا ۽ وري ڪرڙيءَ جا کيت سونا سنگ اُپائيندا ۽ امن ۽ آزاديءَ جا اوتر اُٿندا ۽ سنڌ جا سمورا شهر ۽ ڳوٺ ٻهه ٻهه ٻهڪي پوندا.

ڪا روشنيءَ جي لاٽ ٿئي، ختم اي 'ارڏا' ٻاٽ ٿئي،
ظلم زوري ڪاٽ ٿئي، ڪُليل آزادي واٽ ٿئي.

**لطيف جمال** | **تاريخ**
حيدرآباد | 12_12_2016

## دُعا

ڀلا ڀاڳ ڪريو ڀلارا لطيف،
ختم ٿيا سڀئي سهارا لطيف،
وچن بند ٿيندا ٿا چارا لطيف،
ٽٽندا وچن ٿا ستارا لطيف،
جڏهن ڪو نہ هوندءِ پيارا لطيف،
تڏهن ڪو نہ هوندءِ منارا لطيف.

ويو ڏِس گدائي[1] ، ويو ڏيپلائي[2] ،
اسان جي بہ پويان اِجها فوج آئي،
نہ ڪي شرح ٿيندي نہ ڪي پڙهبي وائي،
رهي پٽ ۾ پوءِ ڪندين ڇا پٽائي
ڏيڪارين جي هاٽي ڪنارا لطيف،
تڏهن سمجهان سمجهيا اشارا لطيف.

3۔ پٽائي سان گڏجي ڪريون هيءَ ٻولي،
وساريون نہ مادر ڏني جيڪا لولي،
سانوڻ جي موجن جي سنڌوءَ جي ڇولي،
هر گز نہ وسري لڳي چاهي گولي،
ڪيون عهد توسان ٿا سارا لطيف،
’ارڏن‘ جي جيءُ جا جيئارا لطيف.

❒

[1] عبدالڪريم گدائي
[2] محمّد عثمان ڏيپلائي

# سائين جي. ايم سيد

نالو: سيد غلام مرتضيٰ شاهہ

سُڄاڻپ: جي.ايم سيد

جنم جو هنڌ: 17 جنوري 1904، سن شهر، ضلعو دادو، سنڌ

پيشو: رهبر، سياستدان، عالم ۽ اديب

ادبي حيثيت: تاريخدان، محقق ۽ عالم

**تصنيفون:**

(1) محال مانجهندن جو تعليمي ۽ تنظيمي پروگرام (1928ع)
(2) هندستان جا مسلمان ۽ پاڪستان (ترجمو: مئي 1941ع)
(3) سنڌ جي عدالت جي انتظاميہ کان جدائي (1946ع)
(4) مسلم ليگ جي مخالفت ڇو؟
(5) نئين سنڌ لاءِ جدوجهد (2 ڀاڱا)
(6) پيغام لطيف
(7) پاڪستان ۾ قوميتن جو مسئلو
(8) چونڊ ادبي مضمون
(9) چونڊ سياسي مضمون
(10) سنڌ جي بمبئيءَ کان آزادي
(11) سنڌ متحده محاذ ۽ ونيونٽ
(12) جنب گذاريم جن سين: 2 ڀاڱا
(13) جيئن ڏٺو آهہ مون
(14) موجوده سياسي مسئلا
(15) جديد سياست جا نورتن
(16) رهاڻ (ميران محمد شاهہ جا خط)
(17) ساهڙ جا سينگار (علامہ آءِ. آءِ. قاضيءَ جا خط)
(18) خط ۽ مضمون (پير علي محمد راشديءَ جا خط)
(19) بزم صوفياء سنڌ جو آئين ۽ خطبا

(20) سنڌي ڪلچر
(21) واڄٽ ويراڳين جا (محمد امين کوسي ۽ جي. ايم. سيد جا خط)، ٻه ڀاڱا
(22) اڄ پڻ چڪيم چاڪ (اديبن جا خط)
(23) ڪجهه خط (برصغير جي سياستدانن جا خط)
(24) خطبات سيد
(25) جديد عالمي سياست
(26) سنڌ جي ڪهاڻي، سيد جي زباني (تقريرون)
(27) پاڪستان جي ماضي ۽ حال تي طائرانه نظر
(28) ديارِ دل ۽ داستانِ محبت
(29) سنڌو ديش ڇو ۽ ڇا لاءِ
(30) سنڌوءَ جي ساڃاهه: ٻه ڀاڱا
(31) مسلم سربراهه ڪانفرنس جو تجربو
(32) ههڙا هاڃا ٿين (پمفليٽن جو مجموعو)
(33) پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني، جلد پهريون
(34) پنهنجي ڪهاڻي پنهنجي زباني، جلد ٻيو
(35) سنڌ ڳالهائي ٿي (عدالتي بيان)
(36) سڏ پڙاڏو (جي. ايم. سيد ۽ محمد ابراهيم جويي جا خط)
(37) پيام عمل
(38) حاصل جنين حال (جي. ايم. سيد جا امين کوسي ڏانهن خط)
(39) آيو تڙ تماچي (رئيس ڪريم بخش نظاماڻيءَ جا خط)
(41) جي. ايم. سيد جون تحريرون، ٽي ڀاڱا
(42) سنڌ جا سُورما
(43) رهبر

[وڇوڙو: 25 اپريل 1995]

❐

# سنڌ جو سِج

سن جي سِج سان، رِيس تارا ڪَرِن،
گورن کان پوءِ هاڻي ڪارا ڪَرِن.

چنڊ چاندوڪي چاهي ڪرين ڪيتري
ڪين منظور ٿا سن وارا ڪَرِن...

سنڌ جو سِج اُڀريو جڏهن سن کان،
تڏهن کان ٿا ڦورو ڪنارا ڪَرِن...

ڪڏهن کان ونون ها آزادي مگر،
اسان سان ٻه پنهنجا ٿا پيارا ڪَرِن...

’ارڏا‘ اُنهن کي سُجاڻي چڙيو،
جيڪي پاڻ ۾ پيا اِشارا ڪَرِن...
❒

# جي.ايم سائين

1. جيڪو بہ انسان امر انهيءَ جي،
جيئي مري يا اُٿي ۽ ويهي،
اهو انهيءَ جو مجاز مالڪ،
اهو انهيءَ جو حقيقي خالق،
انهيءَ کي سجدو ڪري سدائين،
اهو انهيءَ جو صنم ۽ سائين.
اسان جو سائينءَ مثال آهين،
جي. ايم. سائين- جي. ايم. سائين.

2. صنم ۽ سائين سيد کي ڄاڻي،
فڪر انهيءَ تي هاڻي جو هاڻي،
پلي ڪو دشمن پيڙائي گهاڻي،
چوان نہ تن کي پيڙيو سياڻي.
قران جي واعدي تان منهن نہ لائين،
جي. ايم. سائين- جي. ايم. سائين.

3_ عبادتن سان جنت پرستي،
رياضتن سان دنيا جي وستي،
جيئن سيني ۾ آ هڪڙي هستي،
دنيا جي وستين ۾ قومپرستي،
اها ئي آهي خدا جي بستي،
انهيءَ سان ناتو آهي الستي.
اهو ئي ناتو اجان نڀائين،
جي. ايم. سائين_ جي. ايم. سائين.

4_ ازم طريقا انسان ٺاهيا.
قانون ڪيئي ٺاهيا ۽ ڍاهيا.
مائٽ ۽ لينن ٿيا پنهنجن لئه.
اسان پلا ڇو ٿيون انهن لئه.
انهن چڱن جا چڱا ڪي نقطا.
انهن مان چونڊي ڪيا تو پختا.
پنهنجا تجربا نقطا ملائي،
انهيءَ تي پنهنجي تحريڪ ٺاهي.
سوچي ۽ سمجهي پيو هلائين،
جي. ايم. سائين_ جي. ايم. سائين.

5_ پري کان ٻڌندي سڏن پيا ڪافر،
اڪرن ۾ اڙٻل علامہ ڦر ڦر،
ٻڌي ڏسي ۽ ويچار ڪريو،
ملي انهيءَ سان پوءِ ڏيان ڏريو،
پُڇوس ڇا ٿو سيد سڏائين،
جي. ايم. سائين_ جي. ايم. سائين.

6_ سيد جا پُختا خيال آهن،
انهيءَ لئہ پُختا مثال آهن،
ملڻ کان دشمن نٽائن پيا،
انهيءَ لاءِ راهون مٽائن پيا،
جيڪي چوي ٿو اهو ٿئي ٿو
عظيم جي. ايم ازم ڏئي ٿو،
انهيءَ اِزم تي ارڏا ٿيون ٿا،
جيئي سنڌو ديش اسان چئون ٿا.
عظيم سنڌ کي عظيم ٿاهين،
جي. ايم. سائين_ جي. ايم. سائين.
❐

# سُر سنڌڻ سيد

سنڌ امڙ جي صحت، آهي روز خراب،
ٻُچڙيون بيماريون سندن لڳيون بي حساب،
ٿرن سڀ عذاب، صدقي سيد سائين جي.

سنڌ وطن جيئن، سڄڻ سڀ غريب،
مير-وزير-ڪامورا، اچن ڪو نه قريب،
مِهر منٺيءَ ماءُ ڪان، بيشڪ بدنصيب،
ڪي ڪي مرد مجيب،[3] جي. ايم جوڙي سنڌ ۾.

سنڌ امڙ ڪي اڄڪلهه، چڱن جي آ لوڙ،
غدار ڪافي گرهه جا، ڪائڻ اچن ڪوڙ،
ماءُ مِٺي ڪي وڪٽي، ڪائن ٻڪرا ٻوڙ،
تون تنين ڪان توڙ ’ارڏا‘ ناتو نينهن جو.

’ارڏا‘ ناتو نينهن جو، جوانن سان تون جوڙ،
جيڪي دم دم ديس سان، نينهن نڀائن توڙ،
سڄي سنڌ وطن ۾، وڃي پيارا ووڙ،
خيما اُتي ڪوڙ جي جيئارن سنڌ ڪي.

---

[3] شيخ مجيب الرحمان

سنڌ جي سياست ۾ ڪي ڪرا ڪي ڪوتا،
ڪي جي. ايم سان جوڙ رهيا، باقي ٿيا لوٽا،
ڪي سياست ڇڏي سنڌ جي، ٽڪر ٿيا ٽوٽا،
ڪي چوٽيون ڪي چوٽا، مُئا ڪرسيءَ ڪاڻ.

’ارڏن‘ اوشاقن ڪيو سيد کي سلام،
گيتا_ گرنٿ کان وٺي ڪل الهامي ڪلام،
مذهبي مهندار آيا، اُتي خاص ۽ عام،
جي. ايم. پيتو جام، منصوري هن ملڪ ۾.
❒

# رُباعيون

اديب انقلابي ٿئي تہ اُن کي اديب سڏيان،
جي. ايم سائين کي سنڌ جو حبيب طبيب سڏيان،
’ارڏا‘ سنڌي ٿين هاٽي بنگالي،
وڙهي جي قوم لاءِ مري تنهن کي مجيب سڏيان.

–

اوپر ڏي هلون، اولهہ ڏي هلون، ڪنهن هڪڙي طرف هلڻ گهرجي،
روسين سان ملون، چينين سان ملون، ڪن هڪڙن سان ملڻ گهرجي،
اي سنڌي قوم جا فرضندو، في الحال هلو هن ’ارڏي‘ سان
سيد ڏي هلي سڀ هڪ ٿي هلي، ڪو پيو ڪو ڪم ڪرڻ گهرجي.
❐

# عبدالواحد آريسر

نالو: عبدالواحد جادو آريسر

ادبي نالو: عبدالواحد آريسر

جنم جي تاريخ: 11 آڪٽوبر 1949ع

جنم هنڌ: وائوڙي (امرڪوٽ)

سُڃاڻپ: قومپرست اڳواڻ، سياستدان

ادبي حيثيت: ليکڪ، نقاد، تاريخدان، محقق ۽ دانشور

**تصنيفون:**

1. پرهه جو پيغام (1974ع)
2. صدين جون صدائون (1974ع)
3. ترم ياترا (1985ع)
4. ٿي نہ محبت مات (1986ع)
5. جي.ايم.سيد (1976ع)، ٻيو ڇاپو: 1988ع
6. چانڊوڪيون ۽ چٽ (1987ع)
7. ماڙين ماريس ڪينڪي (1989ع) ٻيو ڇاپو: 2003ع
8. ابو الڪلام آزاد ۽ سرمد شهيد (1988ع)
9. ماڻهو ميگهہ ملهار (1988ع)
10. مٿيءَ هاڻا ماڻهو (ترجمو: فرانزفينن جو ڪتاب: 1983ع) ٻيو ڇاپو: 1999ع
11. سر ۾ سانجهيءَ وير (1979ع)
12. وريا واهرو (1981ع)
13. اسان جيئڻ جيئي ڪو (جيل ڊائري: 1998ع) ٻيو ڇاپو: 1999ع
14. رُوح جا ريلا (ڪالم: 1999ع)
15. سِر جي صدا سُر ۾ (تقريرون/ مقالا: 2000ع)

16. تقريرون (1989ع)
17. ٿَهڪي نِڪتا ٿُوهه (1985ع)
18. ڇا ته شخص هو (2004ع)
19. سچ وڏو ڏوهاري آ (بلاولي تحريڪ: 2006ع)
20. پارٽي ۽ سياست (اڻ ڇپيل)
21. واڇٽ ويرا ڳين جا (تاج جويي سان گڏ ترتيب)
22. سنڌي سماج جو جائزو (1985ع)
23. قومي تحريڪ (1989ع)
24. قومي تحريڪ ۾ رُڪاوٽون (1990ع) چوٿون ڇاپو: 2004ع
25. ڳچي ڳانا لوهه جا (ٽيئي جيل ڊائريون گڏيل: 2006ع)
26. وطن پرستي (1987ع) ٻيو ڇاپو: 1988
27. اُميد جو قتل: (بينظير جي شهادت وقت لکيل: 2008ع)
28. رُوءِ داد هڪ رات جي (2008ع)
29. زندگي آزادي ۽ محبت (تقريرون، تحريرون ۽ انٽرويو:2009ع)
30. مُنهنجي اڱڻ مُساڳ جي وڻ (چوند نثري ٽُڪرا:2013ع)
31. ڪنڌيءَ ٽڙن ڪنول (گڏيل ڪتابن جو مجموعو: 2012ع
32. ڪنٺهار ڪِڙيا (گڏيل ڪتابن جو مجموعو: 2012ع
33. تاريخ جي جِهروڪي مان (گڏيل ڪتابن جو مجموعو (2013ع)
34. ورق ورق تاريخ (چوند نثري ٽُڪرا:2015ع)
35. ويرا ڳي جي وچڻا ها (خاڪا: 2015ع)
36. اندر رُوح رَهيام (تقريرون ۽ مضمون: 2015ع)
37. ڌرتيءَ جي ڌڙڪن (گڏيل ڪتابن جو مجموعو:2015ع)
38. اندلٺ ريکائون: (شاعري ۽ نثري ٽڪرا:2015ع)
39. نئين دور جا نوان چار درويش (خاڪا:2016ع)

[وڇوڙو: 03 مئي 2015ع]

# سائين آريسر

’ترم ياترا[4] ۽ صدين جون صدائون ‘[5]
لِکي خوب ڄاڻي جي، ايم جون ادائون.

صبح شام ساري دنيا کي سڏي ٿو،
اچو گڏجي آزاد ٿي گيت ڳايون...

ڪڏهن مير مجلس ڪڏهن قيد ڪاٽي،
ڪڏهن گيت باغي ۽ پيجل جون وايون...

’اسان جيئن جيئي ڪو‘[6] آ اعلان اُن جو،
’وريا واهرو ‘[7] جا ورق سڀ ورايون...

ڳُجهارت ۾ ڳالهيون ڪيان ڪيستائين،
اچو چوٽين دنيا جو مفڪر ملايون...

---

[4] ڪتاب
[5] ڪتاب
[6] ڪتاب
[7] ڪتاب

مدبر، مصنف، مقرر، آريسر،
اجان سنڌ سان هُو ڪري پيو وفائون...

پنهنجي قوم سان پيو سَلي سُور اج بہ،
ڪيئي سهڻا ساٿي ڪري ويا جفائون...

بيشڪ ’بلاول‘[8] ۽ ’حيدر‘[9] جو حامي،
هر هر سڏي ٿو اچو نينهن لايون...

آهي جنگ جاري امن لاءِ ’ارڏا‘،
هلي هن قدم سان قدم کي ملايون...

❒

[8] مخدوم بلاول
[9] حيدر شاهہ ثنائي

# ها آريسر ياد ايندين!

وقت سارينڊو وري توکي وري،
ڪير ڏيندو قوم کي سا دلبري.

ڪير لِکندو قوم لاءِ ايڏا ڪتاب،
ڪير کوليندو وري دل جي دري..

تو اُتي گهر گهر اُٿاريو قوم کي،
تو سان گڏ رهبر سائين جي رهبري..

ها آريسر ياد ايندين سنڌ کي،
هر وقت جي تقرير- تحرير- ڪچهري..

ها وڏين ڳاڙين ۾ ليبر ڪوڙ هُئا،
پر نہ ڪنهن ڇاتو وڏو ماڻهو ٿري..

تو چيو هو سچ آ وربو وري،
موت 'ارڏن' کان اڳي ويندو مري..

❐

# اندرا جو بابو

ٽري آيو ٽر کان، وري ٽر ويو
جنهن گهر کان آيو، اُن ئي گهر ويو.

ڪيسر جو وَر ۽ اندرا جو بابو،
ڪڪاؤن گهر ۾ هو سُکيو ستابو.
سيئي روسي، چيني، مفڪر سڏين پيا،
مسڪين ماڻهن ۾، اُن جو هو ڪعبو.
سدائين ذڪر ۽ فڪر ۾ به عظمت،
دنيا جي مظلوم خاطر جيئاپو.
ان لاءِ سڄي سنڌ در در ويو.
ٽري آيو ٽر کان وري ٽر ويو.

سندس نانءُ وڏو هو تحرير ۾،
نه ملندو ٻيو نسخو اڪثير ۾.
قلم تي قلم هو ۽ جلسن ڪري جيل،
ان لاءِ هُئا هٿ زنجير ۾.
پنهنجن پراون ڪئي دشمني پئي،
سٺائين جيسين ساهه سرير ۾.
سدا هر ستم تي ڪري صبر ويو.
ٽري آيو ٽر کان، وري ٽر ويو.

نہ دهشت ۽ وحشت ڏي مائل هُيو
سيد ۽ گانڌي جو قائل هُيو.
هُيو صاف سياست ۾ ايمان اُن جو
مسئلو سڀني سوچ سان حل هُيو.
صوفي لا ڪوفي انسان اَرڏو
نہ غريبن جي دل ڪان پري پل هُيو.
اُهو موڪلائي آريسر ويو
ٿري آيو ٿر ڪان، وري ٿر ويو.
❒

# شهيد الھ بخش سومرو

نالو: الھ بخش سومرو

جنم: 31 آگسٽ 1900ع

جنم هنڌ: شڪارپور

حيثيت: سياستدان/وزيرعظم

## جيون خاڪو

سائين جي.ايم سيد جو ويجهو ساٿي الھ بخش سومرو پهريون پيرو 1923ع ۾ جيڪب آباد ميونسپل جو ميمبر ٿيو. جنهن ڪانپوءِ هو 1928ع ۾ سکر ضلعي لوڪل بورڊ جو ميمبر ۽ 1930ع ۾ وري لوڪل بورڊ جو صدر ٿيو. 9331ع ۾ شهيد الله بخش سومري کي بهتر عوامي خدمتن عيوض اُن وقت جي انگريز سرڪار پاران (Order of the British Empire (OB.E)جي خطاب سان نوازيو ويو. 1936ع ۾ جڏهن اتحاد پارٽي قائم ٿي تہ الله بخش سومرو ان ۾ شامل ٿي ويو ۽ 1937ع جي پڇاڙيءَ ۾ سنڌ اسيمبليءَ جون چونڊون ٿيون. جن ۾ پاڻ اڪثريت سان ڪامياب ٿيو ۽ 1938ع ۾ شهيد الله بخش سنڌ جو پهريون وزيراعظم چونڊجي آيو. سندس پهرين پارٽي پاليسي بيان ۾ هيٺيان اهم نُڪتا شامل هئا:

1. ملڪي انتظام کي قوم پرست بنيادن تي هلايو ويندو.
2. سکر بئراج سبب سنڌ جي ڪِن حصن کي زراعت ۾ نقصان پهتو آهي، اُن ڪري لوئر بئراج جي اسڪيم تيار ڪئي ويندي تہ جيئن عوام جا مفاد پورا ٿين.
3. اتر سنڌ روهڙي ڊويزن جا واهہ سُڌاريا ويندا.
4. ڪانگريس وزارت وانگر وزير پگهار گهٽ کڻندا.
5. آنرري مئجسٽريٽن ختم ڪيون وينديون.
6. آزمائشي طور ضروري رستن جو ڪم لوڪل بورڊن کي ڏنو ويندو.

7. پرائمري ماسترن جي پگهار ۾ پنجن رُپين جو اضافو ڪيو ويندو.
8. مولانا عبيد الله سنڌي سنڌ واپس آيو ته سندس آجيان ڪنداسون.
9. سنڌ فرنٽيئر ريگيوليشن ختم ڪرڻ لاءِ ڪميٽي مقرر ڪئي ويندي.

1940ع ۾ وزيراعظم سنڌ الله بخش سومري سنڌ ڳوٺاڻي جماعت جو بنياد رکيو.

- 1942ع ۾ ڪراچيءَ جي بندر تي وزيراعظم جي حيثيت ۾ مولانا عبيدالله سنڌيءَ جي افغانستان مان واپسيءَ تي استقبال ڪيائين. هندستان جي تاريخ ۾ هي پهريون اهڙو اڳواڻ هو. جنهن اُن ئي سرڪار جي مخالف کي وطن واپس ڪرڻ ۾ مدد ڪئي.
- 26 سيپٽمبر 1942ع تي سنڌ جي وزيراعظم الله بخش سومري انگريزن جا مليل سڀ لقب واپس ڪندي اهو خط اخبارن ۾ پڙ شايع ڪرايو. آڪٽوبر 1942ع ۾ سنڌ جي وزيراعظم الله بخش سومري کي انگريز سرڪار برطرف ڪري ڇڏيو.
- الله بخش سومري کي خبر پئي ته شڪارپور جي ٻاهران هڪ ڪُوڙو ۽ فريبي پِير، ماڻهن، خاص ڪري عورتن کي ڦاسائي ۽ ڦُري رهيو آهي ته پاڻ اُن مان جان ڇڏائڻ لاء 14 مئي 1943ع تي ٽانگي تي سوار ٿي، اُن سان ملڻ لاءِ روانو ٿيو. سندس نيت اها هُئي ته اُن پير کي ڪُجهه رقم ڏئي هتان ٻيجائجي. پر سندس پهچڻ کان اڳ ئي اُن پير کي ڪا ڪڙڪ پئجي وئي ۽ هو اُتان ڀڄي ويو. پاڻ ساڳئي ٽانگي ۾ واپس وري رهيو هو ته کيس گوليون هڻي شهيد ڪيو ويو ۽ سنڌ هڪ وفادار ۽ امر ڪردار واري سياستدان کي وڃائي ويٺي. سنڌ جي قومپرست سياستدان سائين جي . ايم سيد پنهنجي ڪتاب ' جنب گذاريم جن سين ' ۾ کيس ' سنڌ جو دودو ثاني ' سڏيو آهي . سندس مزار شڪارپور شهر ۾ آهي.

❐

# شهيد الله بخش سومرو

شهيدن نانءُ پنهنجو چڙي هليو وئين،
ڌرتيءَ سان پنهنجو ناتو گڏي هليو وئين.

تاريخ ۾ لِکائي وئين ورق سون جا،
ڪُرسي ۽ لوڀ لالچ ٽُڏي هليو وئين...

پنهنجن سان پيار خاطر، ڌارين سان هو مهاڏو،
سرچاءُ ڪاڻ سڀ جي تڏي هليو وئين...

دودي جو رُوپ ڌاري، آئين الهه بخش،
سِر ساڻ سِر ملائي آڏي هليو وئين...

سامي، اياز ’ارڏا‘ آيا هزارين سنڌ ۾،
سي سڀ سچائي خاطر سڏي هليو وئين...

❒

# ڪيرت ٻاٻاڻي

نالو: ڪيرت ٻاٻاڻي
جنم: 03 جنوري 1922ع
جنم هنڌ: ڳوٺ موريو لاکو، سڪرنڊ، نوابشاهه
تعليم: بي.اي ۽ ايل.ايل.بي
حيثيت: عالم، اديب ۽ فريڊم فائيٽر

## جيون خاڪو

ڪيرت ٻاٻاڻي، شاگرديءَ واري زماني کان قومي سوچ رکندڙ هو ۽ شاگرديءَ دوران استاد روچيرام ٽانواڻيءَ جي ترتيب هيٺ قومپرستيءَ جو صلو من ۾ انگوريس، سنڌ اندر مزدور ۽ شاگرد جدوجهد سان گڏ انگريزن کان ملڪ جي آزاديءَ جي تحريڪ ۾ ڪانگريس جي اثر هيٺ حصو ورتائين. ان زماني ۾ ٽنڊي آدم ۽ نوابشاهه ۾ جلسن ۾ شريڪ ٿيندو هو. اسڪولي جيون ۾ پرڀات ڦيريون ڏيڻ، هٿ سان پترا لکي ورهائڻ ۽ قومي ڏينهن ملهائڻ سندس مشغوليون هيون. سنڌ اسٽوڊنٽس ڪانگريس جو سيڪريٽري رهيو. شيخ اياز ڪيرت بابت لکيو آهي ته:

”ڪيرت ٻاٻاڻي منهنجو پراڻو دوست آهي، ان جو شمار سنڌي قوم جي عظيم محب وطنن ۾ ڪري سگهجي ٿو. هن جو مطالعو ۽ مشاهدو ڪافي وسيع آهي ۽ هن جي پنهنجي قوم سان مڪمل وفاداري (Absolute Commitment) آهي.“

ڪيرت بنيادي طرح آزاديءَ جي هلچل جي پيدائش آهي. هو سنڌي ادبي سنگت جي اوائلي ميمبرن مان آهي ۽ هن سنڌ ۾ رهڻ دوران جديد ترقي پسند ادب کي اي. جي. اُتم، گوبند پنجابي ۽ گوبند مالهيءَ سان گڏجي همٿايو. ’نئين دنيا‘ ڪتاب گهر ڪراچيءَ جو ان ڏس ۾ وڏو ڪردار آهي. هن ورهاڱي کان پوءِ سنڌ ڇڏڻ نہ ٿي چاهي، پر پهرين سرڪار کيس باغي سرگرمين ۾ شرڪت سبب 11 مهينا قيد ۾ رکيو ۽ آزاديءَ بعد بہ سي. آءِ. ڊي سندس پيڇو نہ ڇڏيو. ڪجهہ وقت سائين جي. ايم. سيد ۽ حيدر بخش جتوئيءَ وٽ لڪندي گذاريائين. جتوئي صاحب جي ’هاري حقدار‘ اخبار سنڀاليائين، پر سي. آءِ. ڊيءَ سندس پيڇو نہ ڇڏيو ۽ نئين پاڪستاني حڪومت هڪدم ملڪ ڇڏڻ جو پروانو هٿ ۾ ڏئي، کيس سنڌ مان زوريءَ روانو ڪيو ۽ هُو اکين مان لُڙڪ لاڙيندو پنهنجي جنم ڀوميءَ کي الوداع ڪري هند روانو ٿي ويو. ان ئي پسمنظر ۾ هن لکيو هو تہ:

”تون پُڇين تہ مان اُداس ڇو آهيان!“ سندس اهو ليک 1956ع جي ’مهراڻ‘ رسالي ۾ ڇپيو.

هي محبِ وطن، ڪاهوڙي انسان 12 مئي 2015ع ۾ اسان کان وڇڙي ويو.

❒

# سائين جي. ايم. سيد ۽ ڪيرت ٻاٻاڻي

هڪ ڪي ديس ڇڏايو ويو ۽ ٻيو ٿيو قيدي سنڌ سائين،
رُوح تہ ٻئي آزاد رهيا، پر ظاهر بوتا بند سائين.

هڪ قومي ٻوليءَ جي خاطر، ٻيو قومي ٽوليءَ جي خاطر،
هو ٻئي تڙپيا آزاديءَ لاءِ، ڪيرت، جيئم جند سائين...

مهڪ، هوا ۽ عظمت اعليٰ، قيد ڪري ڪو ڇا سگهندو![10] !
اکيون، اکين منجهہ ويهارن، پيار ۾ کهڙو پنڌ سائين...

مِٽي، مِٽيءَ ساڻ مليا ۽ روح مليا وڃي روحن سان،
هو يار ٻئي اوطاقي ٿيا، هڪ سنڌ سائين ٻيو هند سائين...

ڌرتي ساري ماتر ڀومي، ڪو هت آيو، ڪو هُت آيو،
آهن عملن جون ڳالهيون، ڪي راز پروڙن رند سائين...

جن جو عشق آفاقي هو، سي ويس مٽائي ويئا هُئا،
'ارڏا' آيا سير ڪرڻ، ڪي گهڙيون گهارڻ چند سائين.

---

[10] 12 مئي 2015ع

# شهيد قيوم منگي

نالو: عبدالقيوم ولد گلشيرمنگي

سڃاڻپ: قيوم منگي

جنم: پهرين آڪٽوبر 1954ع

جنم هنڌ: محله قلعه قافلو شهر شڪارپور، سنڌ

تعليم: گرئجوئيشن

حيثيت: قومپرست اڳواڻ

## جيون خاڪو:

1. جساف ضلعي شڪارپور جو صدر ۽ ڊويزنل آرگنائيزر
2. جيئي سنڌ محاذ جو مرڪزي وائيس چيئرمئن
3. جيئي سنڌ محاذ جو آئيني ڪميٽيءَ جو ميمبر
4. جيئي سنڌ قومي محاذ جو مرڪزي وائيس چيئرمئن
5. بلدياتي چونڊن ۾ ڪائونسلر چونڊيو ويو.

شهيد قيوم منگي قومي تحريڪ جي سرگرمين ڪري ڪيترائي ڀيرا گرفتار ٿيو، سائين جي.ايم سيد سان گڏ جهنڊي واري ڪيس ۾ جيل ويو ۽ وڏي عرصي تائين جيل ۾ رهيو.

قيوم منگي، سائين جي.ايم سيد جي اعتماد جوڳن ماڻهن ۾ شمار ٿيندو هو.

قيوم منگي سياست سان گڏ سماجي ورڪر به رهيو، هن شڪارپور ۾ ڪيترائي سماجي ڪم ڪيا، جنهن ڪري شهر جا ماڻهو ڪيس تمام گهڻو ڀائيندا ۽ مانُ ڏيندا هُئا. 1987ع وارين بلدياتي چونڊن ۾ شهرين جي اصرار تي قيوم منگي حصو ورتو ۽ اڳوڻي صوبائي وزير مقبول

شيخ جي سامهون چونڊن ۾ بيٺو جنهن ۾ اڪثريت سان ڪامياب ٿيو هن اُن دور ۾ مقامي سطح تي تمام گهڻو ڪم ڪيو جيڪو تاريخ جي ورقن ۾ اڄ بہ زندهہ آهي ۽ مقامي سطح تي اڄ بہ ڪيس سٺن لفظن ۾ ياد ڪيو وڃي ٿو. شهيد قيوم منگيءَ جو سپاءُ نهايت ئي وڻندڙ هوندو هو. ننڍي توڙي وڏي سان ’باباسائين‘ چئي مُخاطب ٿيندو هو.

قيوم منگي 4 جون 1998ع تي شهيد بشير خان قريشيءَ سان گڏ، جناح اسپتال جي ڪينٽين تي ويٺو هو تہ مٿن پوليس ۽ رينجرس جي پهري هيٺ دهشتگردن حملو ڪيو. جنهن ۾ پاڻ بشير خان کي بچائيندي، مزاحمت ڪئي ۽ سخت زخمي ٿي پيو. بشير خان کي بہ ڪافي ڌڪ لڳا هُئا، پر قيوم جي حالت تمام گهڻي خراب هُئي. اُن ئي وقت بشير خان ۽ قيوم منگيءَ کي جناح اسپتال جي اسپيشل وارڊ ۾ داخل ڪيو ويو. بشير خان تہ جلد صحتياب ٿي ويو پر قيوم جي طبيعت ويتر بگڙندي وئي ۽ نتيجي طور زندگيءَ ۽ موت جي جنگ وڙهندي 22 جون 1998ع تي شهادت ماڻي امر ٿيو. سندس مڙهہ قومي ڪارڪنن جي قافلي سان شڪارپور آندو ويو. جتي هزارين قومي ڪارڪنن کان علاوه شهرين سندس آخري ديدار ڪيو. ان بعد کيس قومي جهنڊي جو ڪفن ڏئي، اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو.

❐

# شهيد قيوم منگي

جيئي سنڌ قيوم منگي تہ جسم ٿهي پوي،
رُتل جو مِلي اُن سان هڪدم ٿهي پوي.

جسم جو آ ڏهاڙو، شهيد نانءُ سان،
شهيد تُنهنجي رت سان قسم ٿهي پوي..

شهيد الهہ بخش ۽ شهيد قيوم منگي،
شڪارپور جو شان اڳتي قدم ٿهي پوي..

سيني سنڌين کي ان لاءِ مهراڻ[11] پيو سڏي،
آزاد سنڌ وارو الم ٿهي پوي..

دولهہ دلير دودا، آيا ائين هو ايندا،
جيئن جنم وٺي هو جي. ايم. ٿهي پوي..

جي. ايم، وهاب، قيوم، ’ارڏن‘ سان گڏ آهن،
نالي وڻڻ سان دم ۾ پيو دم ٿهي پوي..

❒

---

[11] شهيد قيوم منگي جو پٽ مهراڻ

# شهيد جو اڄ آهِ ڏهاڙو

ميمبر ليڊر مرد مهان،
سنڌي ڪارڪن سياستدان.

شهيد جو اڄ آهِ ڏهاڙو،
قيوم منگي جا مهمان...

شوق شهادت شان اُتم آ،
مالڪ لِکيو منجهه قرآن...

زنده آهن زنده رهندا،
پنهنجو پُختو آ ايمان...

جاڳن پيا جاڳائڻ وارا،
مٽيءَ لڏو تن جو مان...

تو سان گڏجي مظهر[12] ساري،
منهنجا منٽرا اي مهراڻ[13] ...

---

[12] عبدالوهاب پيو جو پُٽ مظهر
[13] شهيد قيوم منگي جو پُٽ مهراڻ

سُورهيہ جا اي سُورهيہ پُٽڙا،
رکين هر دم جذبا جوان...

هڪڙي پاسي هاءِ وڇوڙو،
رکين روئي پيو گلدان...

سن سڏي پيو هڪ ٽيڻ لاءِ،
چا لاءِ ٿولا ۽ بحران...

ائين نہ مِلندي آ آزادي،
هر هڪ سنڌي آ حيران...

مڃيو سيد جو فرمان،
بند اشارا بند بيان...

سنڌو ماتا تي اي سنڌي،
هڪڙو ڪريو هي احسان...

ننيدا وڏا سنڌي ’ارڏا‘،
ڪريو گڏجڻ جو اعلان...

❒

# شيخ اياز

نالو: شيخ مبارڪ ولد غلام حسين شيخ

سڃاڻپ: شيخ اياز

جنم: 2 مارچ 1923ع ، شڪارپور، سنڌ

تعليم: ايم.اي ايل.ايل.بي

حيثيت: قومي شاعر

شيخ اياز سنڌ يونيورسٽيءَ جو وائيس چانسلر بہ رهيو ۽ وڪالت ۾ بہ وڏو نالو ڪڍيو.

## تصنيفون:

(1). ”ڀَونر ڀِري آڪاس“ (شاعري: 1962ع)

(2). ”جي ڪاڪ ڪڪوريا ڪاپڙي“(خط ۽ نوٽ بوڪ جا ٽڪرا: ڊسمبر 1962ع)

(3). ”ڪلهي پاتم ڪينرو“ (شاعري: 1963ع)

(4). ”اڪ جون ڦلڙيون، ڀيچ ڀيني“ (نثري شاعري: 1965ع-ايوبي مارشل لا ۾ هي ڪتاب ڇپجڻ جي باوجود منظر عام تي نہ اچي سگهيو ۽ پيهر 2000ع ۾ ڇپيو.

(5). ”ڪي جو ٻيجل ٻوليو“ (شاعري: 1970ع)

(6). ”وڄُون وسڻ آئيون“ (شاعري: 1973ع)

(7). ڳچ ٿو ڳُن ڪري“ (شاعري: 1975ع)

(8). ”لڙيو سج لڪن ۾“ (شاعري: 1980ع)

(9). ”پتڻ ٿو پُور ڪري“ (شاعري: 1982ع)

(10). ”جڳ مڙوئي سپنو“ (آتم ڪٿائي يادون: 1985ع).

(11). ”چنڊ چنبيليءَ ول“ (شاعري: 1985ع)

(12). ”پن ڇڻ پڇاڻان“ (شاعري: 1985)

(13). ”ٽڪرا ٽٽل صليب جا“ (شاعري: 1985ع)

(14). ”رڻ تي رم جهم“ (شاعري: 1986ع)

(15). ”ڀڳت سنگهہ کي ڦاسي“ (سنگيت ناٽڪ: 1986ع)

(16). ”ساهيوال جيل جي ڊائري“ (مئي: 1986ع)

(17). خط، انٽرويو، تقريرون“ (جلد پهريون: جولاءِ 1987ع)

(18). ”اکن نيرا ڦليا“ (شاعري: 1988ع)

(19). ”ڪراچيءَ جا ڏينهن ۽ راتيون“ (يادون: فيبروري 1989ع)

(20). ”خط، انٽرويو، تقريرون“ (جلد ٻيو: اپريل 1991ع)

(21). ”هينئڙو ڏاڙهونءَ گل جيئن“ (شاعري: 1991ع)

(22). ”الوداعي گيت“ (شاعري: 1991ع)

(23). ”ننڊ وليون“ (شاعري: 1992ع)

(24). ”ڳتين ڪرموڙيا جڏهن“ (پاڳو پهريون، شاعري: 1992ع)

(25). ”ڳتين ڪرموڙيا جڏهن“ (پاڳو ٻيو: 1992ع)

(26). ”جر ڏيئا جهمڪن“ (شاعري: 1993ع)

(27). ”سر لوهيڙا ڳيپيا“ (شاعري: 1993ع)

(28). ”سورج مکي سانجهه“ (شاعري: 1993ع).

(29). ”چوليون ٻوليون سمنڊ جون“ (شاعري: 1993ع)

(30). هرڻ اکي ڪيڏانهن“ (شاعري: 1994ع

(31). ”تون چپر تون چانوَ“ (شاعري: 1995ع)

(32). ”چنڊ ڳليون“ (شاعري: 1995ع)

(33). ”گهاٽ مٿان گهنگهور گهٽا ۾“ (شاعري: 1996ع)

(34). ”سانجهي سمنڊ سپون“ (شاعري: 1996ع)

(35). ”ڪٿي ته پيچبو ٿڪ مسافر“ (آتم ڪٿا: جلد پهريون: 1995)

(36). ”ڪٿي ته پيچبو ٿڪ مسافر“ (جلد ٻيو: آڪٽوبر 1996ع)

(37). ”ڪٿي ته پيچبو ٿڪ مسافر“ (جلد ٽيون: نومبر 1997ع)

(38). ”ڪٿي ته پيچبو ٿڪ مسافر“ (جلد چوٿون: آگسٽ 1998ع)

(39). ”ڪونجون ڪرڪن روهه تي“ (شاعري: 1997ع)

(40). ”ڪاري رات ڳُهنگ“ (شاعري: 1998ع)

(41). ”مينهن ڪٽيون“ (شاعري: 1999ع)

(42). ”وڏا وڻ وڻڪار جا“ (تاجل بيوس سان گڏ شاعري: 1997ع)

(43). ”اٿي اور الله سان“ (شاعري: جنوري 1998ع)

[وڇوڙو: 28 ڊسمبر 1997ع]

# جنم ڏينهن شيخ اياز

## ماتر پومي

تنهنجي جهول ۾ شاهه پتائي،
آهي بلاول شاهه سنائي،
ها، هي مبارڪ شيخ اياز،
سيني کي آ تنهنجي وائي.
ثابت سالم ساڻ سچائي،
تن کي پيتا ڏيڻ پلائي

تون ئي آهين سنڌو ماتا،
تو ئي سيئي سيني لاتا،
ڏين مبارڪ تن کي سيئي،
جن جن گيت اوهان جا ڳاتا.
تن لاءِ پنهنجي سوچ سوائي،
تن کي پيتا ڏيڻ پلائي...

ڪن ڪن ٻچڙن توکي ڳايو،
ڪن ڪن ٻچڙن ڪنڌ ڪپايو،
ڪي ڪي تولاءِ قيدي ٻڌيا،
هر ڪنهن هر هنڌ پاڻ ملهايو،
تن جي ڳٽبي پائي پائي،
تن کي پيتا ڏيڻ پلائي...

تن لاءِ ڪوڙ دعائون آهن،
جنم جنم واڌايون آهن،
پل پل ڪريون پيار انهن سان،
جيءُ جيءَ ۾ سؤ جايون آهن.
جن جي ڪافي آهِ ڪمائي،
تن کي پيٽا ڏيڻ پلائي...

جن جو اڄ ٿا جنم ملهايون،
ڳلي ڳلي ۾ وايون ڳايون،
پنڌ ڪري پيغام پهچايون،
مچ انهيءَ کي خوب مچايون.
تڏهن ٿيندي سڀ سٺائي،
تن کي پيٽا ڏيڻ پلائي...

هن جو لکيو تحريرن ۾،
سر تريءَ تي تقريرن ۾،
حق چئي ويو هر هنڌ 'ارڏو'،
ظالم اڳيان زنجيرن ۾.
ڪڏهن ڪاڻ نہ ڪيئي ڪائي،
تن کي پيٽا ڏيڻ پلائي...
❒

# عبدالڪريم گدائي

نالو: عبدالڪريم ولد بجار خان لاشاري

تخلص: گدائي

جنم: 1 جنوري 1901ع

جنم هنڌ: ڪريم آباد، ٺُل

حيثيت: شاعر

**تصنيفون:**

1. ساڻيهہ جا سُور (1965ع)
2. پيماني تي پيمانو (1974ع
3. پڪڙا ءِ پنهوار (1975ع).

عبدالڪريم گدائي نہ فقط ناليوارو شاعر ٿي گذريو آهي، پر هُو قومي سٽ سان بہ سلهاڙيل رهيو. 1932ع ۾ سرڪاري نوڪريءَ تان استعيفيٰ ڏيئي تحريڪ آزاديءَ ۾ شامل ٿيو.

پاڻ ڪانگريس ڪميٽيءَ ٺُل جو سيڪريٽري بہ رهيو.

سنڌ جي هن بيباڪ انسان سڄي زندگي سنڌ لاءِ جاکوڙيندي گذاري، پاڻ 28 جنوري 1978ع تي جيڪب آباد ۾ وفات ڪيائين، سندس آخري آرامگاهہ جيڪب آباد جهٽ پٽ روڊ تي آهي.

❐

# عبدالڪريم گدائي

هن سنڌ امڙ جا سيئي پيارا،
هي پينر پائر سيئي سارا.

هي قول وري اڄ ورجايون،
اڄ گيت گدائي جا ڳايون،
هي گفتا بيت غزل وايون،
اڄ انهن تي سڀ ڳالهائيون.

اڄ پڳڙن ۽ پنهوارن تي،
۽ ماروئڙن ٿر وارن تي،
هن پيٽ ٻُڪايل ٻارن تي،
۽ ٻئي پاسي غدارن تي.

چورن جي ساٿارين تي،
ان ڏاڙيلن پاٿارين تي،
مسڪينن جي مارين تي،
هارين جي لاچارين تي.

سي ووٽن لاءِ وري جاڳيا،
جيپ ٻـ ساڳي جهنڊا ٻيا،
هڪ جيپ ۾ آهن سڀ ساڳيا،
هي چور سڄاڻ اي ياڳيا.

اڳ نعرا خوب پڏا آهن،
پل پارٽين منجھ جدا آهن،
هو فنڊن لاءِ فدا آهن،
پر پاڻ سان ڪونہ سڌا آهن.

هي آيا ووٽ ڦرڻ وارا،
۽ هاڻي نت نوان نعرا...

اسين قائل نفرت جا ناهيون،
۽ صوفي صاف سچا آهيون،
اسين پيار جا گل سدا ورهايون،
پوءِ ڇا لاءِ بم هٿي باهيون.

آءُ ذڪر ڪيان مظلومن جو
محڪومن جو معصومن جو
هت رت وهي پيو قومن جو،
هر مسجد ۾ هر مومن جو.

هت روئي پيڻ پياري ٿي،
ڪا بيواه بي گھر واري ٿي،
ڪا ماري وئي آ ڪاري ٿي،
ائين هر ڪا دل آزاري ٿي.

هت وڙهن قبيلا جهيڙا چچو
هت بم ڪلاشن ڪوڙا چچو
هت لکل هٿ هٿوڙا چچو
۽ حاڪم گونگا ٻوڙا چچو.

هت عام اهو چوٻول آهي،
هت سامراجي سپ ڪيل آهي،
هن قوم سان وڏو ويل آهي،
هت سچ چوڻ تي جيل آهي.

سنڌي 'ارڏا' سمجهه اشارا،
اهي آهن وارا ڍارا...

❒

# وهاب پيو

نالو: عبدالوهاب ولد حاجي سبزل خان پيو

جنم: 16 آگسٽ 1952ع

جنم هنڌ: ڳوٺ رئيس مبارڪ خان پيو تعلقو ڪنڊڪوٽ

حيثيت: پرائمري ۽ سيڪنڊري استاد

سڃاڻپ: سماج سڌارڪ ۽ قومپرست

وهاب پيو سنڌ جو سپوت هو. جيڪو پنهنجي سيني سُلڇڻاين ۾ اعليٰ ۽ اوتم هو. هي هڪ آدرشي انسان هو. پاڻ بنيادي طور تي قومپرست هو. جيئي سنڌ محاذ جي بنيادي ميمبرن ۾ سندس شمار ٿيندو هو. ضلعي جو عهديدار, نيشنل ڪانگريس ۽ سينٽرل ڪميٽيءَ جو ميمبر بہ رهيو.

اُن ڪان علاوه سماج جو سيواڪار بہ هو. علائقائي سطح تي ڪيترن ئي هيٽن ماڻهن جو پرجهلو هو. ڪنڊڪوٽ, ڪشمور, ٺل ۽ جيڪب آباد ۾ شهري اتحاد جو بنياد وڌائين ۽ پاڻ اُن جو پهريون ميمبر هو. اُن ڪانسواءِ پاڻ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڪنڊڪوٽ جو سيڪريٽري بہ رهيو.

سنڌ جو هيءُ گهڻگهرو انسان جون 1998ع ۾ سنڌ ڪان هميشہ لاءِ وڇڙي ويو.

❐

# انقلابي انسان وهاب پيو

محفل آ تصور ۾ آيل ’اياز‘[14]
آهي ’گل‘[15] جي پر ۾ ’ادل‘[16] ۽ ’نياز‘[17]
حقيقت کي شاعر هي کولي پيو،
ترانو سنڌوءَ جو کو ٻولي پيو،
اندر ۾ انسان ڳولي پيو،
دنيا جو مهمان ڳولي پيو.
ادا انقلابي اُٿي اي وهاب،
آزادي جو هاٽي سُٽائج خواب.

اسيءَ جي ڏهاڪي جو وارو وريو،
نعرن سان پنڊال جوانن ڀريو،
هر کو پڇي پيو ڪٿي آ وهاب،
دعوت ڏئي ٿو ڪرڻ لاءِ خطاب،
اجهو هو آريسر مٿي ٿو اچي،
تاڙين سان ڀيهر ٿي محفل مچي.
ڀيجل جي وائي سرندو رباب،
ڀرپور تاڙين سان مليو جواب.

[14] شيخ اياز
[15] اياز گل
[16] ادل سومرو
[17] نياز همايوني

تقرير پوري آريسر ڪئي،
وري يار ملبو هليو هي چئي،
گڏ يار وهاب نثار هڪڙو
هليو شهادت لاءِ قيوم تڪڙو
وري مون ڏٺو جوان بشير خان،
محفل مان هڪ هڪ ٿي هليا مهان.
ڏٺو مون اکين آڏو هي انقلاب،
ناهي بند ٿيڻو بيشڪ هيءُ باب.

اجان پنهنجي پوري ڪهاڻي نہ ٿي،
خوابن جي ساپيا وراڻي نہ ٿي،
هر رات محفل مچي پئي هتي،
گلشن مان خوشبوءِ اچي پئي هتي،
چئي ويا سان کي هو ايندا وري،
’ارڏا ‘[18] سنڌي ڪول دل جي دري.
اجان آهي ذرتي اجان آفتاب،
ڦٽندا سنڌوءَ جي ڪناري گلاب،
ادا انقلابي اٿي اي وهاب،
آزادي جو هاڻي سُٺائج خواب.
❒

[18] سائين عبدالواحد آريسر، نثار هڪڙو، شهيد قيوم منگي، شهيد بشير خان قريشي

# راجا ڏاهر

نالو: ڏاهر، ڏهيسر، راجا ڏاهر

پيءُ جو نالو: عطا محمد ڀنڀرو

جنم: پهرين جنوري 1976ع

پرائمري تعليم: ڳوٺ ٻچل ڀنڀرو، خيرپور ميرس

مئٽرڪ: حيدرآباد

ايم.ايس.سي: جيولاجي، سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو

قلمي پورهيو: سياسي، سماجي ۽ ڪيترائي ادبي مضمون لکيائين

**جيون خاڪو:**

راجا ڏاهر سنڌي ٻوليءَ جي ناليواري اديب، محقق ۽ دانشور عطا محمد ڀنڀري جو ٻيو نمبر پُٽ هو. هُو قومي سياست سان لاڳاپيل هو. هن پنهنجي عملي زندگيءَ جي شروعات جيئي سنڌ اسٽوڊنٽ فيڊريشن ۾ شموليت سان ڪئي، بعد ۾ جيئي سنڌ متحده محاذ ۾ شامل ٿيو ۽ شهادت تائين سلهاڙيل رهيو ۽ مرڪزي سينٽرل ڪميٽيءَ جو ميمبر هو. مرڪزي عهدو هئڻ سبب ڪيترو عرصو روپوشيءَ واري زندگي گذاري. 4 جون 2015ع تي صبح جو سوير ڳوٺ ٻچل ڀنڀري مان قانون لاڳو ڪندڙ اهلڪارن کيس کنيو. مهينو گم ڪيو ويو ۽ مهيني کانپوءِ 8 جولاءِ تي نوري آباد پوليس کي چچريل حالت ۾ لاوارث لاش هٿ آيو. جنهن کي امانتي طور حيدرآباد جي ٽنڊي يوسف قبرستان ۾ دفنايو ويو. نادرا پاران راجا ڏاهر طور تصديق ٿيڻ بعد وارثن کي اطلاع ڏنو ويو. اُن بعد وارثن ۽ سنڌ جي قومي اڳواڻن ٽنڊي يوسف قبرستان پهچي، راجا ڏاهر جو مڙهه 26 جولاءِ تي قبرستان مان ڪڍرايو ۽ پنهنجي اباڻي ڳوٺ جي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

# وري آيو ڏاھر

سُورهيہ سُجاڻو اُتي سنڌ واسي،
وري آيو ڏاھر، امڙ باس باسي.

صدين کان پوءِ سنڌڙي وري ساريو آ،
ڌرتيءَ تي ڌارين ٻارڻ ٻاريو آ.

جيڪو ڪونہ ڄاڻي اھو آ اَڻاسي،
وري آيو ڏاھر، امڙ باس باسي.

ھڪ وڙھيو ڏاھر ھتي شھنشاھہ،
گورن سان وڙھيو ’سورھيہ بادشاھہ‘[19]

مکي ٻيل ي[20] ٻيجل تي آيو اداسي،
وري آيو ڏاھر، امڙ باس باسي.

پينگھو لوڏي پنهري رکيو نانءُ ڏاھر،
ايندو آجپي لاءِ ڪٽي جھنڊو ظاھر.

ھي ’ارڏا‘ مجيندا شھادت سياسي،
وري آيو ڏاھر، امڙ باس باسي.

---

[19] سورھيہ بادشاھہ حضرت پير پاڳارو شھيد

[20] مکي ٻيلو: جتي پير صاحب حُرن کان بيعت ورتي

# شهيد احسان ميمڻ

نالو: احسان ميمڻ

پيءُ جو نالو: قادر بخش ميمڻ

جنم جي تاريخ: 1960ع

جنم هنڌ: ڳڙهي ياسين، شڪارپور

سُڃاڻپ: قومي ڪارڪن

تعليم: ايم.ايس.سي پاس سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو

**زندگيءَ جو عڪس:**

احسان ميمڻ سياست جي شروعات سنڌ يونيورسٽيءَ مان ڪئي. هيءَ پهريان جساف جو ميمبر ٿيو. بعد ۾ جساف سنڌ يونيورسٽيءَ جو چيف آرگنائيزر ٿيو. احسان ميمڻ جو شاگرديءَ وارو دور تمام شاندار رهيو ۽ هن سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ سياست ڪندي ۾ سائين جي. ايم سيد جي نظريي جي پرچار ڪندي، قومي تحريڪ ۾ مثبت لاڙا آندا.

هُو نظرياتي ورڪر هو. سندس مطالعو وسيع هو. جساف جي سياست ڪندي هيءَ رياست جي اک جو ڪنڊو بڻيل رهيو ۽ نيٺ آخر 26 مئي 1983ع تي رياستي درندن 'هوشو هاسٽل' تي چڙهائيءَ ڪري گولين جا برسٽ هڻي کيس شهيد ڪيو. سندس مڙهه اباڻي ڳوٺ نِيو ويو جتي قومي جهنڊي جو ڪفن ڏئي اباڻي قبرستان ۾ مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

احسان ميمڻ جي شهادت، سنڌ جي قومي شاعر جمن دربدر تي ايترو ته اثر ڇڏيو جو هُن هيٺيون نظم لکيو:

وٺي هر هر جنم وربو مٺا مهراڻ ۾ ملبو،
ختم اونداهه ٿي ويندي، چٽي چانڊاڻ ۾ ملبو.

# احسان ميمڻ پيارو

ٻہ شخص سُتا ناهن ۽ باک ڦٽڻ تي آ،
ماءُ پيءُ ٽا اجان جاڳن ۽ رات ڪُٽڻ تي آ.

هُو دَر ڏئي نهارن ٿا ۽ ڏيئڙا ٻارن ٿا،
سڀ ويهي گذارن ٿا، احسان اچڻ تي آ...

هاڻي مون هليو ويندس ۽ جلد وري ايندس،
آيو نہ اجان تائين ۽ مهل مٽڻ تي آ...

احسان ميمڻ پيارو، ويو جوان ڳڙهي وارو،
هنيو سنڌ جو هن نعرو، ڪٽي ساھ ٽٽڻ تي آ...

سارو ڪٽنب روئاري ويو پر سنڌ سنواري ويو
'ارڏن'[21] ڏي نهاري ويو هي دور ڪٽڻ تي آ...

❐

[21] شهيد احسان ميمڻ ڳڙهي ياسين (شڪارپور)

# قاضي مقصود گُل

نالو: قاضي مقصود حيات

ادبي نالو: مقصود گل

جنم: 18 اپريل 1950ع.

جنم هنڌ: رتوديرو، لاڙڪاڻو

ادبي حيثيت: اديب ۽ شاعر

**تصنيفون:**

- شاعريءَ جي شروعات: 1975ع.

1. ’ڪرڻا ڪرڻا‘ (ٻارڙن لاءِ شاعري)
2. ’عشق سمندر‘ (اردو)، ’سچل سرمست جي فارسي مثنوين جو منظوم‘ (اردو ترجمو)
3. ’رتوديرو‘ (مختصر تاريخ)
4. ’زندگيءَ ڏي موٽ‘ (ڪرشن چندر جون ڪهاڻيون ترجمو)
5. ’وکريل موتي‘ (ڊاڪٽر عطا محمد حاميءَ جا مقالا)
6. ’اندر روح رهيام‘ (ڊاڪٽر حاميءَ بابت لکيل مضمون ۽ مقالا_ ترتيب)
7. ’سنڌوءَ تي ڏاڙو‘، ’سنڌو ڪپ تي‘ ۽ ٻيا ڪتاب
8. سچل سرمست، ڊاڪٽر تنوير عباسي ۽ ٻيا ڪيترائي اوارڊ حاصل ڪيائين.

[وڇوڙو: 14 فيبروري 2015ع]

❐

# مقصود گُل جي خوشبوءِ

دنيا تہ دم گذر آ،
ڪنهن جو پڪو نہ گهر آ.

مقصود گل جي خوشبوءِ
موجود هر شهر آ...

هڪ هو عظيم انسان،
شاهد تہ هر بشر آ.

هر بزم ڪچهري ۾،
مٿانهون معتبر آ...

دعاگو سدائين ’ساس‘
’ارڏا‘ سداءِ ٿر آ...

❒

# ٽربيونل

راجا ڏاهر کان اڄ تائين، سينگاريل هي سُولي آهي،
سنڌي قوم جي اڳيان سارو کيل رهيو معمولي آهي،
سنڌڙيءَ جي تاريخ چوي، ڪيئي ڏاريا ويا ۽ ويندا،
’توڙي ڦاٽڪ‘ جهڙا واقعا، ڪافي ٿيا ۽ ڪافي ٿيندا.
آءٌ اهو ئي ’هوشو‘ آهيان، آءٌ اهو ئي ’هيمون‘ آهيان،
ڪين بيانن کي ڦيرايان، ڪين بيانن کي ڦيرايان.

عرب ويا، ارغون ويا، ترخان ويا ۽ مغل ويا،
انگريز ويا ۽ هي بہ ويندا، هل هنگاما چارڻ ٿيا،
مون توب تلوارون، گهاٽا ٽاٽا ڦتڪا ڪوڙا خوبَ سٺا،
هي ڳالهہ نئين ڪا مون لاءِ ناهي، هر دم ڪوڙا ڪوٽ ٻڌا.
مرويسون پر سنڌ نہ ڏيسون، ساڳيو نعرو پيو ورجايان،
ڪين بيانن کي ڦيرايان، ڪين بيانن کي ڦيرايان.

ون يونٽ ۽ ٻوليءَ واريون توکي گوليون ياد ڏياريان،
خون سنديون هي ٽوڙهي ڦاٽڪ واريون چوليون ياد ڏياريان،
لاڪاٽ تي بمباري ٿي، سنڌوءَ سارو رت وهايو،
پاپي ٿيا پنجابي هردم، سنڌين پنهنجو پاڻ ملهايو.
ٽربيونل جا جج ٻڌي ڇڏ، آئون اصل ڏوهاري ناهيان،
ڪين بيانن کي ڦيرايان، ڪين بيانن کي ڦيرايان.

❐

# اڃان ڌرتيءَ کي سجدو آ

وڃي چئہ منهنجي ڌرتيءَ جي، پيارن کي سنگهارن کي،
اڃان ڌرتيءَ کي سجدو آ، اڃان سنڌوءَ ڪنارن کي.

جن وٽ قوم جو نعرو، ڪُفر انڪار وارو هو،
جي. ايم جي شڪايت هئي، گلا جو سِر تي ڪارو هو،
ڌاري مزدور، هاريءَ لاءِ، سرگردان ويچارو هو،
اسان وٽ سخت گرمي هئي ۽ هن وٽ پوهہ پارو هو.
اهي وريا، وري ورندا، جيڪي سمجهيا اشارن کي،
وڃي چئہ منهنجي ڌرتيءَ جي پيارن کي سنگهارن کي.

ڏسي سمجهي ڪشادي هي، جهولي سنڌ سائين جي،
”ٻُلي جي ٻاڙ سي آيا“ اکين ۾ جاءِ ٿي تنهنجي،
سنڌو امڙ تہ سائڻ آ، اها ڪندي ڪيئن اهنجي،
اهو ئي ٻاءُ ٿو ٻانئيان، اها ئي پيڙ آ منهنجي.
ڪٺي پيغام سائين جو، ڏيو پکڙن پنهوارن کي،
وڃي چئہ منهنجي ڌرتيءَ جي پيارن کي سنگهارن کي.

سُجاتو جن ٻہ جي. ايم ڪي، سڏيو تن امن جو رهبر،
سچو ۽ صاف صوفي هو، پٽائي ياد هو اڪثر،
ڌرتي ماءُ دنيا ۾، امن وارن جو آهي گهر،
هڪٻئي ڪي ورهائڻ لاءِ، سدا حرڪت اندر ٻاهر.
هڪ رياست، هڪ سياست، چئہ سپني پلارن ڪي،
وڃي چئہ منهنجي ڌرتيءَ جي پيارن ڪي سنگهارن ڪي.

رکون انسانيت دل ۾، گهرون ٿا خير دنيا جو،
نہ ڪائي حق ڪو ڪنهن جو، تڏهن سو صاف ۽ آجو،
هاري، مزدور پائر سڀ، وسائن ديس هو پنهنجو،
نہ ٿئي مظلوم ۽ محڪوم، پوءِ فساد آ ڇا جو.
ٿڌڙي هير ڌرتي جي سڏيندي پوءِ بهارن ڪي،
وڃي چئہ منهنجي ڌرتيءَ جي پيارن ڪي سنگهارن ڪي.

نہ ڪي هيءَ توب ماريندي، نہ ڪي سپئي سڌاريندي،
اسان جي قوم ڪي سائين، امن محبت جيئاريندي،
نفرت، ساڙ ۽ جهيڙو، اجا ٻہ باھہ ٻاريندي،
ڪريون اتحاد ۽ ايڪو، اهو جلوو ڏيکاريندي.
ساري سلام ڏي ’ارڏا‘ ملي منٹن موچارن ڪي.
وڃي چئہ منهنجي ڌرتيءَ جي، پيارن ڪي سنگهارن ڪي،
اجا ڌرتيءَ ڪي سجدو آ، اجا سنڌوءَ ڪنارن ڪي.

❒

# نوجوان نِپائجو

اي نوجوان نپائجو، اي نوجوان نپائجو
جوت هي جلائجو، وجود کي بچائجو.

اسان عَلم آ کوڙيو، ۽ قيد بند توڙيو
هي ٽر جبل آ وڙيو، هي جسم جسم جوڙيو.
اوهان اهو هلائجو
اي نوجوان نپائجو.

اسان صرف پڪاريو، ۽ ننڊ مان اٿاريو
مٽيءَ جو ڏيئو ٻاريو، هي پيچرو ڏيکاريو.
قدم قدم ملائجو
اي نوجوان نپائجو.

اسان جون ساعتون ٻہ ٽي، ٿو وقت زندگي گٽي،
اجها هي رات ٽي کٽي، اوهان جي باک ٽي ڦٽي.
هاڻي نہ هانءُ لاهجو
اي نوجوان نپائجو.

**اجهو ٽيو ڌاڙو پاڙي بند، اوهان جو راڙو راڙي بند،**
**ڪرڙي ٽرڙي مياڙي بند، ڪندا هو ڄاڙي واڙي بند.**
**ڪلي زنجير پائجو،**
**اي نوجوان نيائجو.**

**ڪاروشي جي لاٽ ٽئي، ختم اي 'ارڏا' ٻاٽ ٽئي،**
**ظلم زوري ڪاٽ ٽئي، ڪليل آزادي واٽ ٽئي.**
**تيستائين ڳائجو،**
**اي نوجوان نيائجو.**

❒

# ڪي مُرليون وڄايون

اچو يار گڏجي غزل بيت ڳايون،
ڪٺي ساز سُرندا ڪي مرليون وڄايون.

اجان سوجهرو آ، اجان چنڊ آهي،
اجان رات اونده مثان منڊ آهي.
اچو مير مجلس هي محفل مچايون.

اجان ساه آهي، اجان ست آهي،
اجان هن رڳن ۾ رهيل رت آهي.
اچو پنهنجو آواز پلپل پڄايون.

اجان پنهنجي اوطاق ۾ مچ آهي،
اها هي ڪهاڻي ڀڏو ڳچ آهي.
اچو رنگ لايون ڪچهريون سجايون.

اجان ڳائجي هت ڪنور ۽ اياز،
اجان ڳائجي هت گدائي، نياز.
اچو ڳايون ’ارڏا‘• پٽائيءَ جون وايون.

❐

• سنت ڀائي ڪنور رام راڳي، شيخ مبارڪ علي ’شيخ اياز‘
عبدالڪريم گدائي لاشاري، نياز همايوني.

# شاھہ رسالي وارا

آءُ تہ گڏجون سارا سائين،
ماءُ منيءَ جا پيارا سائين.

گڊو شهر ڪراچيءَ تائين،
شاھہ رسالي وارا سائين.

سنڌي وائي چاڻ اهائي،
سي سڀ بيت سپارا سائين.

سنڌوءَ ندي جون سڀ چوليون،
ٻولن پوتر ڌارا سائين.

ماڻيلي ڪان ڪيٽي بندر،
منهنجا ٻئي ڪنارا سائين.

ٽوپي اجرڪ پاتل ٽولي،
چُني چنڊ ستارا سائين.

سنڌ ثقافت ساڻ سلامت،
گهرجن ٻيا نہ اشارا سائين.

اتر، لاڙ وچولي، ٿر جا،
’ارڏا‘ محب مچار سائين.

❐

# پوءِ کِلنداسين

جنهن ڏينهن اسان جي دردن جو درمان ٿيندو پوءِ کلنداسين،
جنهن ڏينهن سڀن جي سورن جو سامان ٿيندو پوءِ کلنداسين.

اڄ ڏيهہ جا ڏوٿي سڀ ڏکيا، ڪو داد ٿئي، فرياد سندو
جنهن ڏينهن سچو هن رياست جو سلطان ٿيندو پوءِ کلنداسين...

هر دفتر جو دربان چوي، ڪا ڳالهہ ڪيو ڪنهن مطلب جي،
پگهار تہ پوري ڪانهي ڪا، ڪو دان ٿيندو پوءِ کلنداسين...

هر ٽاٽي ۾ هڪ گهاٽو آ ۽ ڪامورو ڪاسائي آ،
هن قوم جو ظالم ڪامورو چالان ٿيندو پوءِ کلنداسين...

جت پاٽي پيئڻ لاءِ ناهي، جن گاهہ ختم هر ساهہ ختم،
اُن يار ٿرين لاءِ وسڪارو مهمان ٿيندو پوءِ کلنداسين...

هر فرد هتي آزاد هجي ۽ شاد سدا آباد هجي،
همدرد سڄي هن دنيا جو انسان ٿيندو پوءِ کلنداسين...

ها امن هجي هن ڌرتيءَ تي ۽ 'ارڏن' سان گڏ عرش کلي،
ان ڏينهن آزاديءَ جو يارو اعلان ٿيندو پوءِ کلنداسين...

❐

# درياهہ بند

بازار بند ۽ راهہ بند،
واهہ بند درياهہ بند.

هو جي ڪن ٿا احتجاج،
سي سيئي همراهہ بند.

هر ستم تي دانهن ڪندڙ
وات بند ۽ ساهہ بند...

ڏارين جي لوڌ هتڙي،
ڇو نہ ٿئي تي ڪاهہ بند...

ڇا ڇو پيلا سرڪار جا،
سي ڪن بند نگاهہ بند...

هي غلامي ڪيستائين،
'ارڏا' سورهيہ شاهہ بند...

❒

# ارڏا اُتي لِکو

سرتيءَ تي لکڻ سوکو،
ڏرتيءَ تي لکڻ اوکو.

حقيقي حسن فطرت،
سونهن پسي سيڪو..

سنسار بنا سچ جي،
بيڪار آهي لوڪو..

قومن جي حقن خاطر،
سچ صاف لکي ڪوڪو..

مظلوم ماڻهن خاطر،
پل جيءُ رسي جوکو..

مبهم ٿا لکن جيڪي،
شهرت جو سندن الڪو..

ڏرتي کي وکامي جو،
ليڊر ته آهي ٺڪو..

اَرڏا ٿي لِکو هردم،
حق لاءِ ڏيو هوڪو..

❐

# ٻُڌو هي ڪهاڻي

ٻُڌو هي ڪهاڻي ڏکهي وقت جي،
موهن دڙي واري آ تخت جي.

خدا جي خدائي پئي هلندي رهي،
نصيحت دنيا کي پئي ملندي رهي.

واپار ان سان مصر پئي ڪيو،
درياءَ تي شهر موهن دڙو.

سرسبز شاداب هي ملڪ هو،
دنيا ۾ نالو هي مشهور ٿيو.

هتان جي ماڻهن ۾ امن پيار هو
نہ جهيڙو نہ جهڳڙو نہ تڪرار هو.

مگر پوک ۾ هيءُ مشهور هئا،
سکيا ستابا هي مسرور هئا.

رکي مير من ۾ ڪي ايندا رهيا،
قبضي جي خاطر اچي خون ڪيا.

هر وقت سنڌي بهادر وڙهيا،
مشرق ۽ مغرب جا ماٺهو تڙيا.

ورائي ڏنم ورق تاريخ جا،
ننگن ۽ دنگن تي قربان ٿيا.

سدا سامراجن جي سازش رهي،
گهاٽا ۽ ٽاٽا ۽ ڦاهي ٿهي.

اچي هتڙي انگريز حڪومت ڪئي،
گڏي سنڌ ۽ هند رياست ٿهي.

وڏيرن کي وڏا لقب ٿي مليا،
وٺي ڪرسي جاگير خوش ٿي ڪليا.

هنن ملڪ مذهب تي ورتو جڏهن،
يهودين، فلسطيني تڙيا تڏهن.

قصو مختصر هو وڙهائي ويا،
وڏا هند ۽ سنڌ ۾ خون ٿيا.

ڪڏهن چوڌري ۽ وڏيرن جو وارو،
ڪڏهن فوج ڪرسي مٿان ڏي لامارو.

اليڪشن ۾ آيا ڀٽو[22] ۽ مجيب[23]،
وري خون ٿيا قوم ٿي بدنصيب.

بنگالين تي گولين جا ڪڙڪا هئا،
ليڊر کي ڦاهي جا دڙڪا هئا.

حقن لاءِ اُٿيا ڪي سنڌي بلوچ،
دٻائي ۽ ڪُچلي وئي ساري سوچ.

جناح کان پوءِ آيو سنڌي ڀٽو،
جيئي ڀٽو نعرو ۽ جوڙو ڇٽو.

ڀُٽي سوچيو ملڪ خاطر گهٽو،
وڏيرا ڀڄي ويا رهيو هڪ ڇٽو.

وري سامراجن نوان چال ڪيا،
ڀُٽي جي مارڻ ۾ هو هم خيال ٿيا.

---

[22] جناب ذوالفقار علي ڀٽو
[23] جناب شيخ مجيب الرحمان

وري ضياءُ آيو شروع ٿيو زوال،
ساڳيا وڏيرا ۽ ڪرسي بحال.

انهيءَ ڳالهہ ڪي ڪجهہ ڪتائيندا هيا،
وڏا چوڌري ۽ وڏيرا مليا.

لياقت باغ ۾ بيبي[24] تقرير ڪئي،
مارپائون لياقت تيئن هي مُئي.

ڪٽي لاش زردار سڀ پوريا،
وڪرو ٿي ڀُٽن جا سڀ لاش ويا.

هليو ڪو نہ هلندو وري ڪيس تن جو،
انهن اقتداري شهيدن ڀُٽن جو.

سنڌين ڪو نہ سمجهيو اڃان معاملو،
ڪري حوصلو ۽ ڪندا ڪو بلو.

ڪرسي تہ اچٽي ۽ وڃٽي آ يارو،
سدا ياد هوشو ۽ هيمون جو نعرو.

[24] محترمہ بينظير ڀٽو شهيد

ڪيون بند هاٽي اهو باب ٿا،
پڙهون سنڌ ساڃاهہ جو ڪتاب ٿا.

ڀٽائي ڪي ليڪڪ ملائي لکي ٿو،
سنڌوءَ جي ڪپ تي هي پيغام ڏي ٿو.

امن پيار واري آ ڌرتي اسان جي،
جا آزاد ڌرتي آ سرتي اسان جي.

رسالو ڀٽائي جو الهام آهي،
اهو ئي امن پيار پيغام آهي.

اها ڳالهہ جيئنم ڪئي سنڌ ۾،
انهيءَ جي ڪري هو رهيو بند ۾.

سڃاتو اديبن سنڌي شاعرن،
اها ڳالهہ سڀني مڃي ماهرن.

بنا ويس سياست ۾ صوفي هُيو،
سچل ۽ سامي جو قائل رهيو.

مگر ڪوڻ سمجهيا وزير ۽ امير،
ڪرسي جا طالب ملان مير پير.

ڪن سمجهيو صوفي وڏو انقلابي،
ڪن پنهنجي خطري ۾ سمجهي نوابي.

سقراط، منصور، جي. ايم هيو،
هو هڪ ڏينهن هي روز ماريو ويو.

مرڪز جي مچريو ڀُتو ڪاوڙيو،
انهن جي اشاري جي. ايم بند ٿيو.

رکيا قيد ۾ ويا مدبر مقرر،
رڳو سنڌ ۾ ٻه جي. ايم، آريسر.

حيدر جتوئي ’گدائي‘ ’نياز‘،
لکيا شعر سنڌ تي هئا ’شيخ اياز‘

سيئي سن آيا سٽي انقلاب،
’راشد مورائي‘، آريسر، وهاب.

الهه بخ ش[25] شهيد ٿيو سنڌ تي،
فڪر آهي ڪرڻو عقلمند کي.

وري ٿي شهادت قيوم جي،
شڪارپور پنهنجو پاڻ ويو بند ٿي.

فاضل[26] بشير خان ماريا ويا،
وڏا لاش سنڌ کي ڏياريا ويا.

احسان ميمڻ ۽ محمد نواز[27]،
ٿوڙي جي ڦاٽڪ مٿا بي جواز.

هي قربان ۽ روپلو نورالله،
ساٿين سان گڏ ساڙيا سي ويا.

ڪراچي- ريليءَ ۾ ٿي غزالا[28] شهيد،
هر بار ٿيا ڪيئي زخمي شديد.

شهادت ڪرڻاٽي لاءِ شاهد سماج،
نوشهري ۾ ماريائون ڪندڙ احتجاج.

---

25 شهيد الله بخش سومرو

26 شهيد فاضل راهو

27 محمد نواز ڪنراٽي (نل)

28 عوامي تحريڪ جي ريلي ۾ محترمہ غزالہ شهيد ٿي

پريل شاهه، ضامن، ٽيا شهيد ٻئي،
اميد علي چاچڙ ٻڌاٽي جا ٽيئي.

وڙهن جيڪي مظلوم محڪوم خاطر،
شهادت دنيا ۾ اها ڪارگر.

هليو ڪيس ماريل شهيدن جو ڇو نه،
پڇيو هيءُ سرڪار کان ڪنهن به ڪونه.

عاصمه جهانگير ظاهر نه ٿي،
سنڌين جي لاشن جي واهر نه ٿي.

سدا سنڌي ماڻهو پُڇن ٿا پيا،
حقن لاءِ 'ارڏا' اُٿن ڇو نه ٿا.

❐

# تاريخ جا پيرا آهن

شهيد جيئرا آهن، تاريخ جا پيرا آهن،
سنڌڙيءَ ۾ اُنهن جا ديرا آهن.

ڪڏهن ننگ تي ۽ ڪڏهن دنگ تي،
سر ساهه سان ٿيا نبيرا آهن...

پيئي شهادت جو جام، ڪري هليا اُڏام،
تن جا آڪاش تي اڄ بصيرا آهن...

آيا سڏڙا سُٺي، وڙهيا ڌرتيءَ ڏٺي،
ٿيا واقعا هتي، ڪيئي پيرا آهن...

لِک 'ارڏا' ڪلام، ڪر شهيدن جي نام،
سي وڙهيا مرد مانجهي سويرا آهن...

❐

## ڳُهر حق هتي انسانن لاءِ...

هت روز سڏي پئي سنڌ امڙ،
جڳ آزادي آ جوانن لاءِ

چو روز ڏسين پيو بربادي،
ڳُهر سنڌ امڙ جي آزادي.
ڳُهر حق هتي انسانن لاءِ...

ميدان ملهائج جوان اچي،
اي بشير مرد مهان اچي.
سر ڪو نہ لڪائج طعنن لاءِ...

اڄ ريليءَ ۾ بشير چيو
سڀ ماءُ مٽيءَ لاءِ گڏ ٿيو.
هي وقت نہ آهي بهانن لاءِ...

هُو جام شهادت پيئي پيو
هُو سنڌ امڙ لاءِ جيئي پيو.
هت ميندي رتڙن ڳانن لاءِ...

هُو وڙهيو سنڌ ستابي لاءِ
صنعان چيو هيئن بابي لاءِ
هي پيغام آهہ پروانن لاءِ...

اي ’ارڏا‘ نينهن نڀايون سڀ،
تي سنڌي تيج ملهايون سڀ.
آهي مقتل مرد مهانن لاءِ...

❒